# شاهڪار ناول

| | |
|---|---|
| ٢٠- استري هڪ پرولي ۴ ڀاڱا | ١-١٢-٠ |
| ٢١- ٽاني | ٣-٠-٠ |
| ٢٢- گداهن ۾ پرده ٽا | ٧-٠-٠ |
| ٢٣- شيشي جي دل | ١-١٢-٠ |
| ٢۴- دل تي آهن زخم هزارين | ٦-٠-٠ |
| ٢٥- جن سوري پاڻين سيج | ٣-٠-٠ |
| ٢٦- ڪير پرايا هٿڙا | ٢-۴-٠ |
| ٢٧- اُشا | ٢-٠-٠ |
| ٢٨- رولاڪ جي آمر ڪهاڻي | ٦-٠-٠ |
| ٢٩- ننڍڙي نيڻا | ١-۴-٠ |
| ٣٠- پٿر جو جگر ميڻ جي دل | ١-١٢-٠ |
| ٣١- پيار ۽ پاپ | ٣-٠-٠ |
| ٣٢- هڪ ڪردار سترهن ڪهاڻيون | ٢-٠-٠ |
| ٣٣- اَمر پيار | ١-٠-٠ |
| ٣۴- هوليءَ جو گلال | ١-٠-٠ |
| ٣٥- ٻه ٽڪر هر ڏل | ١-٠-٠ |
| ٣٦- جيون ۽ لهرون | ١-٠-٠ |
| ٣٧- سانوڻ آيو سڪي | ١-٠-٠ |
| ٣٨- حسن ۽ جنگ | ٠-١٢-٠ |

KAHANI–52

# موهيِ - نرموهيِ

ليکڪ: موهن ڪلپنا

قيمت ڏيڍ روپيه

ڪهاڻي پبليڪيشنس
هسالي لنڪ روڊ - بمبئي ٢٨

# ڏاءَ ۾ گل

## ليکڪ: موهن ڪلپنا

### پڇاڙي

ڪيول جڏهن ساهوري گهر جي ڏاڪڻ تي پير رکيو، تڏهن اُتي ڏاڪڻ تي آشا کي بيٺل ڏسي اُواڪ رهجي ويو. ٽئڪسيءَ مان لهڻ وقت هن اک کڻي ٻماڙ جي ڪنڊ واري ٻالڪنيءَ ڏانهن نهاريو ته ڪو نه هو. هن کي خاطري هئي ته آشا اُتي ڪانه هوندي... هروڀرو هڪ ڀالو سيني ۾ چڀي ويندو. مگر هن اِهو ڪيس ڏٺو هو. هوءَ پيرين اُگهاڙي ئي هيٺ لهي آئي هئي. ٻنهيءَ جي اُداس روپ کي ڏسي هوءَ وڌيڪ پاڻ روڪي نه سگهي. اٽڪندا وچان ٻه ڏاڪا ٻيا ٻه هيٺ لهي چيائين،
”اچي ويا؟“

اُن ڏينهن جڏهن آشا اکيون هيٺ جهڪائي، ٻئگر ڪٺي گهر مان هلي ويئي هئي، تڏهن ڪيول سمجهيو هو

تہ ھاڻ وري ڪڏھن بہ ملڻ نہ ٿيندو. ھڪ پھاڙ ھو، جو ھن جي سر تي ڪريو ھو. سر تہ سلامت رھيو ھو، مگر ڪجھہ ھو جو ھن جي اندر ئي ٽٽي ڀري چُور ٿي ويو ھو. ۽ ھو مٿي تي ھٿ رکي، پلنگ تي ويھي گويا اُن پلنگ ۾ سمائجي ويو ھو. پوري مھني جي ذھني ڪشمڪش ۾، جيڪو ھڪ چتر ھن جي ذھن ۾ اُڀريو ھو، اُن ۾ ھڪ ندي ھئي، ھڪ پھاڙ ھو، ھڪ غفا ھئي، جنھن ھنڌ کي پڪاريو ھو... مگر ھن ھڪ ٻي بہ پڪار ٻڌي ھئي، ۽ ھڪ ڏينھن ٻہ گھڙي ساھري گھر جي پلنگ کي اچي نمسڪار ڪيو ھئائين.

"مون ھاريو!" اُنين چئي ھو مٿي چڙھيو.

آشا جا سواس بہ شايد ڪيول ۾ ئي اٽڪيا پيا ھئا. اَروڪ ڀاونائن جي دٻاو کان بيوس ٿي ھن چيو، "ھاريو تہ مون آھي! توھان مونوت اچي صرف ھار قبول ڪئي آھي، مون ... مگر مون تہ جدائيءَ جي پھرئين ڏينھن کان، پوري مھني کان اوھانجي راھ تڪي ھار ڪاٽي بہ ڇڏي آھي!"

# شروعات

عرصو اڳ، ڪاليج جي زندگيءَ ۾، هڪ دفعي، ڊبيٽنگ ڪلب طرفان ڏنل وشيه 'پيار ۽ شادي' تي ڳالهائيندي ڪيول چيو هو، ”سڀنو مڙس ۽ سڀني زال ٺاهڻ لاءِ مڙس ۽ زال وچ ۾ پيار جو هجڻ ضروري ڪونهي.“ ان ڳالهه تي ٻڌندڙن جا وات ائين کلي ويا هئا، جو ڪيول کي هرڪنهن جو هڪ ڏند عجب جي نشاني معلوم ٿيو هو.

هڪ نوجوان وچ ۾ ٻوڪ ڪاڙهو هو، ”تڏهن شاديءَ لاءِ ته شايد پيار ضروري نه آهي.“

ڪيول مشڪي جواب ڏنو هو، ”پيار کان وڌيڪ understanding of life (زندگيءَ جو شعور) ضروري آهي. اگر اها نه آهي ته جنهنکي توهين پيار ٿا چئو، اهو آئسڪريم جي پيالن سان گڏ ڏنل سنيما جي پروگرامن ۽ راتين جي سدائي ۾، ڪنهن وڻ جي سايي ۾ ڏيکاريل رنگين سپنن جي ياد ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه ڪونهي.“

آشا ان ڏينهن ئي هنجو پيڇو ڪيو هو. ڪجهه هو جنهن هنکي ڇڪيو هو، جنهنجي چمڪ هن ڪيول جي اکين ۾ ڏٺي هئي. ان کان هڪ ڏينهن اڳ، پروفيسر جڏهن بورڊ تي هڪ سڌي ليڪ ڪڍي چيو هو: ذرا سوچيو، انساني اتهاس ۾، انساني زندگيءَ جي لمبائي جيڪڏهن هن ليڪ جيتري هجي ته اسانجي هستيءَ

چاڪليٽي رنگ جو سئنڊل، پيرن جي ننهن تي هلڪي
لالي. ساڄي پير جي آڱرن ۾ هلڪي ڇر ٻر.

... ... ...

ڪجهه ڏينهن بعد... خوبصورت شام... سمنڊ جو ڪنارو... ناريل جو وڻ.

ڪيول وڻ کي ٽيڪ ڏئي ويٺو هو ۽ آشا پرسان اچ وچ ڪري رهي هئي. يڪايڪ هوءَ رڪجي اچي ڪيول جي پاسي ۾ ويٺي ۽ چيائين، ”مهنجو توسان پيار ڪونهي، اهو مان ظاهر آهي ته مان سوچي سمجهي توهان جي زندگيءَ ۾ آئي آهيان. پيار ٿي ويندو آهي، ڪيو نه ويندو آهي. البت مهنجو تو ۾ چاهه آهي. ان ڏينهن تو جيڪي بحث ۾ چيو، مون ان تي خوب سوچيو آهي. مان سچ آهيان، انڪري مان جيڪي چونديس اهو شايد توکي مهنجي حيثيت کان مٿي لڳي. اصل ۾ مان زندگيءَ جي سچائيءَ کي پنهنجي اکين سان ڏسڻ چاهيانٿي ۽ ان سچائيءَ کي ڏسڻ لاءِ مان پنهنجي سڄي زندگيءَ جو تجربو ڪرڻ چاهيان ٿي. انساني اتهاس ۾ هڪ شخص جي زندگي سچ آهي. تجربو جيڪڏهن ناڪامياب ويو ته سچ ان تي گهوري سگهجي ٿو. مان ڏسڻ ٿي چاهيان ته بنا پيار جي هڪ مڙس ڪئن سٺو مڙس بڻجي سگهي ٿو ۽ هڪ زال، ڪيئن هڪ سٺي زال بڻجي سگهي ٿي. اها ڳالهه تون نه چئي جيڪڏهن ڪو ٻيو چوي ها ته مان اهو تجربو توسان نه، ٻين سان ٿي

ڪريان ها. مان سمجهان ٿي ته ان مان به اهو ظاهر آهي
ته منهنجو توسان پيار ڪونهي. ٻيءَ طرح تون ٺاهوڪو
آهين ۽ مان به ٻري به آهيان. Pain (جوڙو) نيڪ
رهندو... ڪيئن؟"

... ... ...

پروفيسر صاحب چيو، "نه نه نه! شادي پلي ڪو
مڪر زال ڪي ڪڏهن به اهو نه ٻڌائيج ته تو اڳ به هڪ
شادي ڪئي آهي. شادي ٻرابر جلد ٻالي هئي، پر شادي
ته هئي نه. هن پنهنجو منهن تنهنجي سيني ۾ لڪايو نه؟
تو هنجي چپن تي پنهنجي پيار جي اسٽئمپ هڻئي نه؟
هنجي جدائيءَ توکي استري تي پاسا ٻدلائڻ لاءِ ليٽايو
نه؟ عورت ٻيو ڇا به سهي سگهندي آهي، مگر پنهنجي
مڙس جي زندگيءَ ۾ ماضي، حال توڙي مستقبل ۾،
ڪنهن ٻي عورت جو پيار برداشت ڪري نه سگهندي
آهي؛ اهو پتي ڌهدي طور برابر پنهنجي پتنيءَ سان
ايماندار آهي، جو پنهنجا راز زال اڳيان کولي ٿو، مگر هو
بيوقوف به آهي جو سمجهي ٿو ته ڪنهن ڏينهن اهائي
زال جا پتيءَ جا راز ٻڌي هنجي ايمانداريءَ تي موهت
ٿي پوندي، سا ڪنهن ڏينهن، ڪنهن خاص ويل تي
ڪا چوٽ ڪاٺي اها ڳالهه مڙس اڳيان اهڙي نه ڪٽيندڙ
نوع ۾ رکندي جو مڙس توڙي پنهنجي، ٻنهي جي زندگي
زهر ڪري ڇڏيندي. جيڪڏهن تون چاهين ٿو ته تنهنجي

زندگي هڪ ٽريجڊي (دکانت) ناٽڪ نه ٿئي ته ضروري
آهي ته تون اها ڳالهه پنهنجي زال سان نه ڪرين."
ڪيول چيو، "سائين، زندگيءَ جي شعور سان، مان
اهڙي قسم جي ٽريجڊيءَ کي ٽاري سگهان ٿو. آشا
مونسان شادي ڪرڻ تي هڪ خاص لجرائو ڪرڻ لاءِ ؛
هارڻ مان ۽ هن سان شادي ڪندس اهو ڏسڻ لاءِ ته
هڪ عورت پنهنجي مڙس جي ڪنهن ٻيءَ عورت سان
پيار کي ڪيتري حد تائين برداشت ڪري سگهي ٿي.

## ڪاڏهي

شاديءَ جي پهرين رات ڪيول کي لڳو ته هنکان
اڳي هن شايد ڪڏهن به زمين تي پير نه رکيو هو. پيرن
جي هيٺان ڪا زمين ٿيندي آهي ۽ ان زمين کي ڪا
هستي ٿيندي آهي، ان زمين تي خود پنهنجي هستيءَ
جي ڄاڻ پوندي آهي، اهو هن هيئنر ٿي ڄاتو. هنکان
اڳي هو جڻ هوا ۾ هلندو هو. جنهن زندگيءَ کي هن اڳي
ذهني زندگي جو پاڇو سمجهيو هو، اها هيئنر ڪيس اصل
۽ ٺوس محسوس ٿي، ۽ اڳين ڪلپنا ۽ سوچنيءَ واري زندگي
ئي هنکي اصل زندگيءَ جو پاڇو معلوم ٿي- البت
خوبصورت. هيئنر هو زندگيءَ جي سموري نفاست ۽

نزاڪت کي نفاست ۽ نزاڪت سان ڇهي سگهيو ٿي، ڇمي سگهيو ٿي، انهيءَ ٻر ۾ ليٽي، انهيءَ زلفن سان کيلي سگهيو ٿي ۽ صرف ٻهراڻ راهه جو نه، ٻر ٻي راهه، ٽين راهه، چوٿين راهه، هر راهه جو انکي ٻهڌجي سيڌي سان لڳائي سگهيو ٿي.

ڏينهن جو هو ٻهڌجي سهڻن کي هڪ ڪمپاڻنڊر جيان ڪمپوز ڪندو ۽ راهه جو اهي سڀ آشا جي اکيان رکندو. هوءَ هڪ ٻروف ريڊر جيان انکي نظر مان ڪڍندي... ڪڏهن کلندي، ڪڏهن چڙندي، ڪڏهن جهڙڪو ڏيئي اکيان ايندي، ڪڏهن پاسو ورائي ليٽي پوندي. ڪيول ڪمپوزيشن چارج کهرندو، آشا اکيون چمڪائي ڳل اکيان وڌائي مسڪراهٽ سان انهيءَ قيمت ادا ڪندي. ڪيول هينڊ پروفيسر آهي... هنجو هر ٻيان ٻهجيتاليڪا مدت هلي... آشا جيڪڏهن ضرورت کان وڌيڪ مسڪرائي ته انهيءَ ڪشش ۾ ٻاڻ وساري هو هڪ مدت وڌيڪ ڳالهائي وڃي ۽ وري عادت موجب چونيتاليڪا مدت ٻيا وڌيڪ ڳالهائي.

هو صبوح جو ننڊ مان اٿندو، چانهه پيئندو، سنان ڪندو، ڪپڙا مٽيندو، زال جي ڳل تي ٻهڌجي چپن سان پيار جي ڪوڙا لڪندو ۽ ڪاليج هليو ويندو. آشا چانهه ناهيندي، هاٿ روم ۾ ٽيل، ٻرش، صابڻ ۽ ٽوال رکندي- مڙس کي جوراب ڏيندي، ٽاءِ ٻانڌڻ ۾ مدد ڪندي، ڪوٽ پائيندي، پرس ڏيندي، مسڪرائيندي.

۽ هو جڏهن هليو ويندو تڏهن ڳل تي هٿ ڦيري شرمائيندي.

ٻراڙي ڪئلينڊر جي جڳهه نئين ڪئلينڊر ورتي مگر موڪلاڻي ۽ ملڻ جو هي دستور جاري رهيو.

چانهه ڪوپ ۾ پيئجي يا پليٽ ۾، ان تي بحث ٿيندو سئنيما جي ڪهاڻين، ناولن جي ڳالهين تي بحث ٿيندو پر اهو بحث صرف بحث يا راءِ جو بحث آهي ۽ هڪ بحث ٻيءَ بحث کان الڳ آهي، اهو فهم ڪڏهن به ٻنهي وچ ۾ ڀيد پيدا نه ڪندو. پر ڇا ٻنهي ۾ ڪو به ڀيد ڪونه هو؟ آشا ڪيول کي ٻراڻپڻ جي ٻهرئين پل کان سڃاتو هو ۽ اهو هيئن ته هن ۾ اصليت آهي ۽ هو ڀلو ماڻهو آهي؟ هن ۾ اصليت هئي ۽ هو برابر ڀلو ماڻهو به هو، ليڪن ٻئي صرف اصليت پسند ۽ ڀلو ماڻهو نه ٿيندو آهي، ٻئي صرف شعور وارو شخص به نه ٿيندو آهي، ٻئي صرف پر ۾ ليٽڻ وارو به نه ٿيندو آهي ـ اهو ڪجهه ٻيو به ٿيندو آهي، ڪجهه ٻيو ... جيئن جيئن اها ڳالهه آشا اڳيان صاف ٿيندي ويئي، تيئن تيئن ڪيول هملاءِ ٻهراڻ ٽورو ۽ ٻوءِ ٻنهه اَجنبي ٿيڻي ويو. اَن اَجنبيءَ سان هنجو سنبڌ ۽ حجاب ته قائم رهيو، مگر هنجي من ۾ هڪ جذباتي دوري به اچي ويئي.

شاديءَ جي ٻهراڻ راحت، زندگيءَ جي فلسفي تي اڌ ڪلاڪ جي تقرير بعد جڏهن ڪيول آشا جو مدهن

پنهنجي ٻن هٿن ۾ آندو هو، تڏهن آشا ٻلڪن کي اسٽر
کري ڪيول کان پڇيو هو، ”توهان ڪڏهن پيار ڪيو
آهي؟“

تڏهن هڪ پل لاءِ، ڪيول جي هٿن جي جنبش
کي هلڪي روڪ اچي وئي هئي، جڏهن مان آشا کي
پنهنجي سوال جو جواب نه ملي ويو هو. اوچتو ’تون‘ مان
’توهان‘ تي وڃڻ ڏانهن هن جو ڄڻ ڌيان ئي نه ويو. هن
اهو به نه سوچيو ته سندس جواب سان، جيڪا چمڪ هن
آشا جي اکين ۾ ڏني هئي، اها گهڻي سگهي ٿي.
ديوار کي ٽيڪ ڏئي، هو مختصر ۾ روپ جي ڪهاڻي
ٻڌائي ويو ۽ هن جي وڇوڙي جي درد کي پنهنجي
ذهني ملڪيت ۽ هن جي بي وفائيءَ کي هن هڪ عورت
جي همت، حوصلي ۽ پئي پيار ڪرڻ جي قوت جو
سرٽيفڪيٽ ڏنو. تڏهن ملن جي ان گهڙيءَ ۾ ڪيول
آشا جي نگاهن ۾ نه معلوم ڪيترو اوچو ٿي ويو. جنهن
سماج مان هوءَ آئي هئي، ان سماج ۾ هڪ ڇوڪريءَ
جي ٻن ڇوڪرن سان واقفيت کي جڏهن هن جي چرتر
سان لڳايو ٿي ويو، جڏهن ڪوتائن ۾ شاعرن عورت جي
بي وفائيءَ کي امر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي، عورت
جي خوبصورت روپ کي ڪروپ بڻائڻ جي ڪوشش
ٿي ڪئي، تڏهن هيءُ هڪ شخص هو، جنهن استريءَ
جي بيوفائيءَ ۾ به استريءَ جي شخصيت جو سهڻو روپ
ڏٺو هو. ڳالهه ڪندي آشا پنهنجي پتيءَ جي اکين ۾

سڀئي شبد ڪوش جا صرف ٻه لفظ ياد هئا: آيس...
حاضر!

ڪيول رات جو استري تي ليٽندو هو ته آشا هن کي ڪهاڻيون يا ڪوتائون پڙهي ٻڌائيندي هئي، جنهن کي ٻڌي ڪيول اکيون ميڙڪائي، هن جي گود ۾ سر رکي ڇڏيندو هو يا ڪڏهن رات جو وري پاڻ هڪ اخبار نويس جيان هن کي دنيا جو واءُ سواءُ ڏيندو هو. اڪثر هو ڇنڇر يا موڪل جي ڏينهن آشا کي سئنيما تي وٺي ويندو هو ۽ کلي دل سان خيالن جي ڏي وٺ ڪندو هو.

پر هنن وچ ۾ دوري آهستي آهستي هيئن ظاهر ٿيندي وئي جو ڪيول ڪاليج ويندو هو ۽ ان کان اڳ آشا هميشه جيان باٿ روم ۾ تيل، صابڻ، برش ۽ ٽوال ته رکندي هئي، هن کي جوراب به ڏيندي هئي، ٽاءِ به پائيندي هئي، ڪوٽ به پائيندي هئي مگر هاڻ هوءَ مشڪندي ڪانه هئي. هن جو البت ان ڳالهه ڏانهن ڌيان ڪونه ويو هو. ڌيان ته صرف ڪيول جو ويو هو- روز روز جي ان ڪرت ۾ آشا به هڪ ڳالهه جي ڪمي ڏٺي هئي ۽ اها به اوچتي ڏٺي هئائين ته نه معلوم ڪيترن ڏينهن کان ڪيول ڪاليج ويندي، هميشه جيان، هن جي ڳل تي، پنهنجي چپن سان پيار جي ڪوتا ڪونه لکي هئي. نه معلوم ڪيترن ڏينهن

ڪان ڪيول جي وڃڻ بعد هوءَ ٻنهي جي ڳل تي هٿ رکي شرمائي ڪانه هئي.

هڪ رات هڪ ڪهاڻي ڪڍندي اَچانڪ ڪيول چئي ڏنو، ”آشا، هي ڇا؟ آنسوُ!“

اُن پريم ڪهاڻيءَ جو ٻنهي سان شايد ڪو به واسطو نه هو. هڪ غريب ڪلارڪ جي ڪهاڻي هئي، جو ڏينهن جي مانيءَ جا پئسا بچائي، روز شام جو ٻنهي جي محبوبا کي ڀيل-پوري کارائيندو هو.

ڪيول وري به چيو، ”آشا- تون روئي رهي آهين؟“

آشا جڏهن ڪو به جواب نه ڏنو تڏهن ڪيول چيو، ”اِها ته هڪ ڪوڪلي جهڙي ڪهاڻي آهي- اَجايو ڏيک- بک ڪيڏي پيار ڪرڻ جو آمر گهاڻي مظاهرو!“

آشا جواب نه ڪونه ڏنو، البت ساڙهيءَ جي آنچل سان ڳوڙها اُگهي، پاسو ورائي ڇڏيائين.

رات پنهنجي چپ چاپ سمهي هئي، اُن حقيقت جو اَثر گهٽائڻ لاءِ صبح جو ڪيول جوراب ٽاءِ وغيره تي ايڏي ته واڪو واڪاڻ مچائي، جو هنجي اَسپاوڪ وهنوار تي آشا هڪ پلڪ لاءِ، وارن تي هٿ ڦيري مرڪي ڏنو. مگر اِها مسڪراهٽ ڪنهن حد تائين بناوٽي ٿي هئي، پنهنجيءَ کي خوش ڪرڻ جو هڪ خوبصورت فرض! مسڪراهٽ جو اِهو ڀيد ڪيول جهڙن اکين جاڻي نه سگهيون. بناوت هنجي واڪو واڪاڻ پر به هئي، اِنڪري

آشا جي مسڪراهٽ، هن کي اُن ٻاوڻي وايو منڊل ۾ بلڪل نئي سڀاوِڪ لڳي.

رامه جو جڏهن هن ماني کائي پوري ڪئي، تڏهن آشا چيو، ”هڪ سوال پڇان ٿو؟“

ان کان اڳ آشا ڪيول کان نه معلوم ڪيترا سوال پڇيا هئا مگر اڄ سوال ڪرڻ کان اڳ، سوال ڪرڻ جي اجازت ڪاڻ گهري هئي. ڪيول اچرج وچان آشا ڏانهن نهاريندي اَواڪ رهجي ويو. ڪيتريون گهڙيون هو آشا جي اکين ۾ نهاريندو رهيو ۽ پوءِ ڪرسيءَ تان اٿي، ڪتابن جي شيلف وٽ اچي بيٺو ۽ هڪ ڪتاب ڪڍي بي خيالو اُن جا پنا ورائڻ لڳو.

هو پٺيرو بيٺو هو. آشا اڳيان وڌي، هن جي ڀر ۾ اچي بيٺي. هن جي ڪلهي تي هٿ رکي چيائين، ”بازار مان مونلاءِ ڪجهه گل وٺي اچو، ڇا اوهانکي ڪڏهن اهڙو خيال آيو آهي؟“

سوال ٻڌي ڪيول ڇرڪ پيو. ڪيول ڇرڪ ڀريو، ان ڪري ته آشا، ڪيول جي هٿن مان ڪرندڙ ڪتاب ڏانهن ذرو به ڌيان ڪونه ڏنو.

هڪ طنز ڀري مسڪراهٽ آشا جي چپن تي نمايان ٿي، جنهن ۾ تلوار جي ڪٽيندڙ ڌار به هئي.

ڪيول هن جي اکين ۾ نظر جمائيندي چيو، ”نه، نه!“

آشا ڪيول جي ڪلهي تان هٿ لاهي، پويان هٽي،

ساڙهيءَ جي آنچل کي ڪاٻي چيچ ۾ ويڙهيندي چيو،
"مان ڄاڻان ٿي!"

ڪيول پٽ تان ڪتاب کڻي، اُن کي شيلف تي رکندي اُٿي لڪي ليوخيءَ وچان پنهنجو ليڪي سوال ڪيو،
"ته پوءِ ٻچڻ چوٿي؟"

آشا ڪپٽ واري آرسيءَ جي سامهون وڃي ليٺي ۽ پنهنجن ڏکهن ڪيسن ۾ آڱريون اُلجهائي هن چيو، "مان نٿي ٻچان، منهنجا وار ٿا ٻچن."

ڪيول آشا ڏانهن مخاطب ٿي چيو، "تنهنجي وارن کي زبان آهي، مگر منهنجي اکين کي ڪن ڪونهن. مان صرف ايترو ڄاڻان ٿو ته پنهنجن وارن ۾ تيل تون ڪاٺ وجهندي آهين، مان ڪونه وجهندو آهيان."

آنيڪي مان تي ڪيول سان اکيون ملائيندي آشا چيو، "۽ توهانجي ٿاءِ؟ توهان جڏهن ڪاليج ۾ ويندا آهيو، ڇا تڏهن اها توهان سان ڪجهه به نه ڳالهائيندي آهي؟ اها توهانجي ٿاءِ نه هوندي آهي، منهنجون ٻانهون هونديون آهن، جي سدائين اوهانجي ڳلي ۾ هونديون آهن!"

ڪيول ڪو به جواب نه ڏنو. هو چپ چاپ پلنگ وٽ اچي ليٺو. پلڪ ليٺو پوءِ وڌي رهيو ۽ ٻيءَ گهڙي پلنگ تي ليٽي پيو. آشا اُٿيئي، ڪرسيءَ تي ويهي، ڪپٽ جي تختي تي ٻانهون رکيون ۽ پوءِ ديوار پاسي منهن ڪري، سر به تختي تي رکي ڇڏيو.

ڪيول ڪجهه گهڙيون پنهنجي پلنگ تي پيو رهيو. پوءِ بي آراميءَ وچان پاسا ورائڻ لڳو. آشا جي ڪا به چرپر نه هئي. پوري ڪلاڪ بعد ڪيول کي پڪ ٿيو ته شايد آشا کي ننڊ کڻي وئي آهي. هو اٿيو. آهستي اڳيان وڌيو. اوچتو هن جي نظر آئيني تي، آشا جي پاسيري عڪس تي پيئي. هڪ پل لاءِ هو گويا بنياد کان ڏڏي ويو. آشا جون اکيون کليون پيون هيون. هوءَ نه صرف سمهي ڪانه هئي، پر جاڳي ڪجهه اڻ پڇڻ سوچي ا-رهي هئي.

ٻئي ڏينهن صبح جو ڪيول کي اهو ياد نه آيو ته رات ڪيس ڪيڏي مهل ننڊ آئي هئي. ليڪن ڪيس اها خاطري هئي ته جيستائين ڪيس ننڊ نه آئي هئي، تيستائين آشا هن جي پڙ تي ڪانه ليٽي هئي. صبح جو اٺ ڪلاڪ سان هن ڏٺو ته آشا ٽري تي رکيل ڪوپ ۾ چانهه پائي رهي آهي.

ان ڏينهن هو ٻدا ٽاءِ جي ٻاهر هليو ويو. ڪاليج نه وڃي هڪ مارننگ شو تي هليو ويو. ڏينهن جو ماني هوٽل ۾ کائي ٻهراڻ ميوزم ۾؛ پوءِ آرٽ گئلري ۾ ويو؛ پوءِ مرين ڊرائيو جو چڪر ڪاٽي ٻه ٽي ڪلاڪ اوول پارڪ ۾ وڃي ليٽي پيو. يونيورسٽي ٽاور جڏهن ٻارهن جا ٽڪاءُ هڻيا تڏهن هو اتان اٿيو؛ اٿي فلورا فائونٽين تي بس لاءِ بيٺو.

انهن ته ڪم پٽي به هو گهر ڏي سان ايندو هو؛ ڪم

هٽائين. ڇوٽ کي ڇوٽ ڪائي هوءَ وڃي دريءَ وٽ ويٺي ۽ ٺونٺ ٻڌي کي ۽ سر ڪريءَ کي رکي ٻاهر نهارڻ لڳي. پر من نہ لڳس ۽ وڃي شيلف وٽ ويٺي.

ڪيول پلنگ تان اٿيو. چيائين، ”آشا!“

آشا پنهنجو ڪنڌ ڪتابن مٿان رکيو.

هو اُٿي اَچي آشا جي پير ۾ ويٺو. پڇيائين، ”تو ماني ڪاڏي آهي؟“

آشا پنيان مڙي ڪجهہ سخت نوع ۾ چيو، ”ڇو؟“

اهو سوال نہ هو، هڪ ڀالو هو، جو ڪنهن هنجي سيني ۾ چڀائي ڇڏيو ۽ هو زخمي ٿي وڃي پلنگ تي ويو. نہ، هو پلنگ تي نہ ليٽندو. هو پلنگ تي ليٽندو تہ آشا ڪڏهن بہ پلنگ تي نہ ليٽندي ۽ آشا کي آرام جي ضرورت آهي. ان لاءِ ضروري آهي تہ هو پلنگ تي نہ ليٽي. هو پلنگ تان اٿيو ۽ اسٽور روم مان چادر ۽ فراسي ڪڍي، پٽ تي فراسي وڇائي، چادر تاڻي پاسيرو ليٽي پيو.

آشا شيلف وٽ ٿي جهڪي گويا فرش ۾ سمائجي وئي.

رات جو پوئين پهر ۾ ڪيول جي اَک کلي. هن چادر هٽائي. بتي اَڃا بہ ٻري رهي هئي. هنجي نظر پهرين پلنگ ڏانهن وئي، جو اَڃا خالي پيو هو، پوءِ گهڙيال ڏانهن ۽ پوءِ ڪتابن جي شيلف ڏانهن وئي. هو اٿيو. آشا جي قريب آيو. هنجي پير ۾ ويٺو. هڪ ڪل هو جو

ٻن راتين ۾ ڪومائجي ويو هو. هن پنهنجو منهن پنهنجي هٿن ۾ آندو. پنهنجي اندر جي اَنڌڪار کي هو دور ڪيئن ڪري! هن وري آشا ڏانهن نهاريو. هن جي منهن تان پريشان نيل وار هٽائي هن وري ۽ لمبو ساهه کنيو ۽ پوءِ نهايت سنڀال سان آشا کي پنهنجي ٻانهن ۾ کڻي آڻي هن کي پلنگ تي ليٽايائين. هن مٿان چادر وجهي هو رنڌڻي ڏانهن ويو. ڏٺائين کير پيو آهي. اسٽو ٻاري، چانهه رکيائين. ٻاهر روم ۾ وڃي هٿ منهن ڌوتائين. وري وڏي پلنگ ڏانهن ويو. آشا جي مٿي تي هٿ ڦيرايائين ۽ پوءِ وري رنڌڻي ڏانهن هليو ويو. پنجن منٽن ۾، ڊبل روٽيءَ جي ٻن سلائيسز کي جيم لڳائي، ٽري ۾ چانهه ۽ ٻئي کڻي اچي ٽيبل تي رکيائين.

آشا جي ڀر ۾ ويهي هن ڪنڌ جهڪائي آشا جي ڳلن کي چميو.

يڪايڪ آشا جون اکيون کليون. چيائين، ”هي ڇا؟ ڇا اوهان کي ڪو روڪڻ وارو ڪونهي؟“

”روڪڻ وارو جيڪڏهن منهن ڦيري ڇڏي ته پوءِ؟“

”ڪير آهي اوهان کي روڪڻ وارو...ڇا مان؟“

”پيو ڪير آهي منهنجو؟“

”مان ڪير ٿيان اوهانجي؟ اوهانجو ته مونسان پريم ڪونهي!“

”پريم ڪونهي!“ ائين چئي ڪيول ٽيبل تي رکيل

گرم گرم چانهه ڏانهن نهاريو. آهستي چيائين، ”ها، پريم
ته برابر ڪونهي. پوءِ به تون آهين ۽ مان آهيان.“

”۽ پيو روپ جو موهه آهي.“

”ها، روپ جو موهه ئي آهي آشا. روپ جو موهه نه
هجي ته ڪنهنکي پنهنجي وارن لاءِ ڳلن جو خيال ڇو
اچي؟“

آپمان جي غصي کان سڙ پڙ ڪوهي آشا چيو، ”اوهين
جنهن روپ جي موهه جي مهما ڳايو ٿا، اهو موهه ڪٿي
اُن روپ جو نه ڪونهي، جنهنجي ورهه اوهانکي پيار
ڪانسواءِ به سڄي زندگي گهاري سگهڻ جو سبق سيکاريو
آهي؟“

ڪيول چيو، ”آشا! آشا! اهو ڇا تون چئي رهي
آهين؟ آشا تون؟“

”روپ جي موهه ۾ ڪل نتا اچن، ڳل ۽ چپ ٿا اچن
جنهن ڏينهن اهي ڳل ۽ اهي چپ نيرس ٿيندا ويندا،
تنهن ڏينهن اهو موهه به ختم ٿي ويندو. ليڪن ڇا آهي،
جو ختم نٿو ٿئي، اُنجي به اوهانکي ڪجهه خبر آهي؟
اوهانجي فلسفي ۾ ته اُنکي ڪا جڳهه ئي ڪانهي.“

”ته ڇا مان سڄو ماڻس نه آهيان؟“

”اُن لاءِ ڇا مان اوهانکي سرٽيفڪيٽ ڏيندس؟“

هوءَ وهاڻي کي ٽيڪ ڏيئي ويٺي، ”جو ماڻس پنهنجي
زال جي پاورائن کي نٿو سمجهي، اهو ٻار ڇاهي ڪيترو
به پلو ماڻهو ڇو نه هجي، مگر هو سڄو ماڻس ڪنهن به

حالت ۾ نه آهي. ۽ مڙس جيسيتائين زال سان پيار نٿو ڪري، اوسيتائين زال جي ڀاونائن کي سمجهي به نٿو سگهي."

"مگر جڏهن ڪي تون پيار چئين ٿي، اهو ٿيندو ڇا آهي، ذرا اهو به ته ٻڌاءِ."

"اها ٻڌائڻ جي ڳالهه نه آهي، سمجهڻ، محسوس ڪرڻ جي ڳالهه آهي. مگر جيڪو مڙس پنهنجي زال جي وارن ۾ گل نٿو اٽڪائي، اهو پيار ڪري ٿي نٿو سگهي."

"ڪري پل نه سگهان، سمجهي ته سگهانٿو."

"اوهان سڀ ڪجهه صرف سمجهڻ ٿا چاهيو- ان ۾ ڇا هي؟ هزار ۾ گلن جي ڪا وڏي قيمت ڪانهي، اهو اوهين سمجهي سگهو ٿا، مگر هڪ پتي جڏهن به گل پنهنجي پتنيءَ جي وارن ۾ اٽڪائي ٿو، تڏهن پتنيءَ لاءِ انهن گلن جي ڪيتري قيمت ٿئي ٿي، اهو اوهانکي اوهانجو فلسفو ڪڏهن به سمجهائي نه سگهندو."

"تون شايد صحيح آهين."

"ها، منهنجو به اهوئي خيال آهي. مان سچ ٿي چوان ته مان پنهنجي تجربي ۾ هڪ ناڪامياب ويئي آهيان. ڏسانٿي، اوهان ۾ پريم ڪرڻ جي قوت ٿي ڪانهي ۽ اوهين جو چئو ٿا ته پريم زندگيءَ لاءِ ضروري ڪانهي ۽ جڏهن آنيؤ جي بنياد تي انهين چئو ٿا ان مان ظاهر آهي ته روپ جي وره اوهان مان پريم ڪرڻ جي شڪتيءَ

کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. مونکي پيار گهرجي، انجو ڪجهه اڪل، ڪجهه ظاهر حسين اظهار گهرجي- ۽ اهو سوچيل سمجهيل نه، آزخود ۽ سياوڪ گهرجي."

ڪيول ٻه چڙ مان چيو، "ڇو تون گهڙيءَ گهڙيءَ روپ جو نالو ڇو ٿي وٺين؟ اُن تنهنجو ڇا بگاڙيو آهي؟ مان اِنجو مطلب ڇا اِهو ڪيان ته ماضيءَ ۾ منهنجو روپ سان پيار، تنهنجي من جي گهراين ۾ توکي ڪنڊي جيان ڇپي رهيو آهي؟ جيڪڏهن اِهو سچ آهي ته پوءِ مونکي ٻه اِهو ظاهر ڪرڻ ۾ سنڪوچ نٿو ٿئي ته مان ٻه پنهنجي اِن تجربي ۾ ناڪامياب ويو آهيان ته ڪا ٻه پتني، پنهنجي پتيءَ جو ڪنهن ٻي عورت سان پيار برداشت ڪري نٿي سگهي."

آڀمان جي جوش وچان آشا پلنگ تان اٿي کڙي ٿي. چيائين، "جيڪڏهن توهان اِئين سمجهو ٿا ته ڀلي سمجهو، پر پوءِ مون لاءِ هن گهر ۾ هڪ پل ٻه رهڻ ممڪن نه آهي."

يڪايڪ آشا جي نظر چانهه لئي وڇي پيٽي ۽ هوءَ آواڪ رهجي ويئي. ٻيءَ پلڪ هن ڪيول ڏانهن نهاريو. ڇا هن پتيءَ کي غلط سمجهيو هو؟

ڪيول چيو، "جيڪڏهن تون ويندينءَ ته مان توکي روڪيندس ڪونه!"

۽ جڏهن آشا ٻنگ ٺاهي، هنجي پر مان لنگهي ٻاهر

هلي ويئي، لڌهن ڪيول جي من ۾ سوال اُٿيو: ڇا هن پنهنجيءَ کي غلط سمجهيو هو؟

... ... ...

رات جو ڪيول استري لي سوچي رهيو هو...

ڇا پروفيسر برابر هو؟ ڇا زندگيءَ جو هڪڙو هي پل، آسانيءَ هميشه...هميشه لاءِ اَلڳ ڪري ڇڏيندو؟ هيم مون جيڪا دوري ڏني اُنجو ڪارڻ ڇا هو؟ ماضيءَ ۾ روپ سان محبت! مگر اُن روپ جي کهاڻي پڙي، جنهن ناريءَ مُنهنجي سيني ۾ منهن لڪائي رنو هو، اُها به نه آشا ٿي هئي. نه ڇا هو جنهن آشا کي پريشان ڪيو هو؟ هڪ غريب ڪلارڪ جي کهاڻي پڙي هن رنو هو؛ پئي ڏينهن هن گلن جي تقاضا ڪئي- ڇا اِها تقاضا سياوڪ نه هئي؟ جيڪڏهن ها نه مون هنتي اِهو الزام ڪيئن لڳايو نه هوءَ منهنجي ماضيءَ جي محبت کي برداشت ڪري نه ٿي سگهي... اِها غلطي مونکان ڪيئن ٿي... ڪيئن ٿي...؟

اُن ساڳي رات آشا استري تي پيئي سوچي رهي هئي...

پر هو نه مونکي پيار ڪريٿو. روز روز هو مُنهنجو منهن ڇو چمي؟ بزار مان گل نه آڻي ڏنائين نه ڇا ٿيو؟ سنيهه جا گل نه هن هميشه مونکي ڏنا آهن. رات هن ٿي نه مونکي زمين تان کڻي پلنگ تي ليٽايو هو! هن مونلاءِ

چانهه ناهي هٿي. چانهه ناهي هن منهنجو منهن ڇميو هو،
۽ مون ان کي ڪونيو روپ جو موهه. هاءِ، مونکان هي
ڪيئن ٿيو ... ڪيئن ٿيو ... نه معلوم اَڄ هن سنان ڪيو
هوندو يا نه ... اَڄ ته ڪنهن به هن کي ٽوال ۽ صابڻ نه ڏنو
هوندو... اَلائي هو اَڄ ڪاليج به ويندو يا نه ... ۽ جي
ويندو ته خبر ناهي، ٽاءِ پاتي ويندو يا نه ...

# مان - اپمان

رات جي خاموشيءَ جڏهن آڌي رات جي سيما پار ڪئي، تڏهن شيکر پنهنجي نئين گهر جي سجايل ڪمري ۾ پير رکيو. شاديءَ لاءِ آيل دوستن شبھ ڪامنائن جا هوڪا ڏيئي وڃي چڪا هئا. ڪي مٽ مائٽ پاسي وارن ڪمرن ۾ هئا، جيڪي گهيرٽ ڪائيندي پنهنجا پنهنجا شاديءَ جا انڀو ٻڌائي رهيا هئا. ٻٽب وارا وڄندي وڄندي خاموشيءَ جي موسيقيءَ کي صفا بيهوش ڪري ويا هئا.

سڄو ڪمرو جوانيءَ جي رومانوي خوابن جي طرز تي سجايل هو. ريشمي سيجا ڪڌهن هل اسٽيشن تان خاص گهرايل گلاب ۽ موتين جي گلن سان سينگاريل هئي ۽ اُن سيجا تي خاص هندستاني رنگ سان وڻي هئي وڪا- ڳوڏن تي ڌمٽ ۽ هٿن تي ڪاڌي رکي.

رِيکا شيکر کي ڏسي اکيون ٻند ڪري هڪ ڊگهو ساهه کنيو ۽ جڏهن شيکر سندس ڀر ۾ اچي ويٺو، تڏهن اکيون ڇمڪائي هن چيو، ”ڪيڏن، ٿي وڻي ته اسانجي شادي!“

اُداس شيکر جي پيشانيءَ تي فڪر جون هلڪيون رِيکائون ظاهر ٿيون.

شيکر جي خاموشيءَ تي خفي ٿي رِيکا چيو، ”ڇا ٿو ڏسين؟“

شيکر مرڪيو- رِيکا هن جي سامهون هئي. هن به هڪ ڊگهو ساهه کنيو. اچانڪ هنکي لڳو ته ڪمري ۾ صرف گلن جي خوشبوءِ نه هئي- هڪ ٻي به سڳنڌ هئي- ڪچي انبڙيءَ جي خوشبوءِ جيان ٻهه مخصوص. شرير جي ماس جي خوشبوءِ...! هن اکيون ٻند ڪري ڇڏيون، گويا اُن خوشبوءِ جي موجودگيءَ کي تسليم ڪرڻ کان انڪار ٿي ڪيائين.

رِيکا پنهنجون ٽنگون سڌيون ڪري، ساڄي پير جي آڱوٺي سان شيکر کي ڪتڪتائي ڪئي. شيکر اوچرج ۾ پئجي هڪ اُجهيءَ جيان رِيکا ڏانهن نهارڻ لڳو.

سياري جي سرد ۽ ڊگهي رات هئي.

رِيکا پلنگ تان اُٿي کڙي ٿي. اڳيان وڌي هن اوڀر واري کڙڪيءَ جو پردو هٽايو. پورنماسي جي چنڊ کي ڏسي، ٻانهون مٿي ڪري آلس ڀڳائين. هوا جو هڪ سرد

جهونڙو آيو ۽ ريکا جي شرير کي ڇهي، انجي مخصوص
هنڌ کي ڪٽي ڪمري ۾ ڦهلجي ويو.

'هاء' چئي، ريکا واپس وري ۽ اچي شيکر جي پاسي
۾ ويٺي. هن جي گلي ۾ ٻانهون وجهي چيائين، "ڇا ٿيو
آهي منهنجي شيکر کي؟"

لڳو، هوا جو اهو سرد جهونڙو ڪمري ۾ نه، شيکر جي
شرير ۾ گهڙي ويو هو. هن ريکا جي ٻانهن کي دشمن
جون تلوارون سمجهي، انهن کي هٽائيندي چيو، "منهنجي
شرير ۾ موه ڪونهي، پوءِ هي ناٽڪ ڇا جو؟"

هڪ ڏينهن ريکا چيو هو: شيکر، آتما جو نه، شرير
جو پوڄاري آهي. هن لاء پريم، روپ جو جادو آهي.
اپلڪ ريکا، اواڪ رهجي ويئي.

شيکر پلنگ تان اٿي وڃي دريءَ جي پاسي واري
آرام ڪرسيءَ تي ويٺو. هن کيسي مان سگريٽ ڪڍي
دکايو ۽ شروعاتي ٻن ڪشن سان ٻاٽکي ۽ سڄي آرام
ڪرسيءَ کي دونهين جي چوکٽ ۾ گهيري ڇڏيائين.
دونهين جو اهو گهيرو جڏهن هٽيو، تڏهن هن ڏٺو ته،
ريکا سندس سامهون ويٺي هئي.

"ڇا توکي منهنجو صفا خيال ڪونهي؟" سوال ۾
شڪايت هئي ۽ ايمان جي چوٽ جو درد هو.

شيکر نرموه لهجي ۾ چيو، "صفا خيال ڪونهي، ائين
ته مون چيو ڪونه!"

"ڳالهه ڇا ظاهر ڪانهي؟"

"ظاهر ڳالهه اها آهي ته اسان ٻنهي هڪ ٻئي سان شادي ڪئي آهي."

"۽ شاديءَ جي ٻاهران واسطي تون ٻئي ٻڌجي ويو آهين."

"مان آهيان ئي پڻ، رڳا. اها تنهنجي غلطي هئي جو تو مونکي روپ جو متوالو ڪريو هو."

"آچا، ته تون هاڻ انجو بدلو وٺي رهيو آهين؟"

"چئي نٿو سگهان. سوچيو هوم، هن ايماڻ سان شادي ڪنهن به حالت ۾ ڪندس، سا ڪئي اٿم. مون کي پيو ڪجهه، ڪهندو وني نه هو، ۽ ڪجهه ڪبي به ڪونه. تون منهنجي پتني آهين، ان کان ڪو به انڪار ڪري نٿو سگهي. مونلاءِ ايترو وني ڪافي آهي."

پيرن کان سر ڌائين وڃڻ تلوار جي وار جيان سر کي اوچو ڪندي، هن سخت ڪنهنڊڙ نوع ۾ چيو، "تنهنجي چاليءَ ۾ منهن لڪائي آرام ڪرڻ جو خيال مون کي به ڪونهي. اهو مونکي ڪڏهن به ملي سگهي ٿو، ڪٿي به ملي سگهي ٿو."

نهايت پريشانيءَ وچان شيڪر پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون.

اهائي پريشاني هئي، جيڪا هميشه رڳا کي شيڪر جي نزديڪ ڇڪي ويندي هئي. هڪ پلڪ لاءِ رڳا کي لڳو ته پاڻ اهڙي ڳالهه چئي جڻ هڪ پاپ ڪيو هجائين. پر ٻيءَ گهڙيءَ، هوءَ پاپ جي ان پاونا کي

منهنجو پتي آهين، اها ڳالهه مان رڙيون ڪري دنيا کي ٻڌائي سگهان ٿي. پر هڪ ڳالهه ٻڌي ڇڏ شيکر، مان زندگيءَ ۾ ڪڏهن به توکي پنهنجي شرير کي هٿ لائڻ نه ڏينديس.“ ائين چئي هوءَ پلنگ تي ليٽي پيئي ۽ پاسو ورائي ڇڏيائين.

هڪ هڪ ڪري پاسي وارن ڪمرن جون ۽ گهرن جون بتيون وسامي چڪيون هيون. پر اکين جي اندڪار ۾ شيکر صرف سمرتين جي ٽانڊاڻن جي پل پل ڪوندر ۽ ٻجهندڙ روشني ٿي ڏٺي. يڪايڪ هن جي اکين ۾ هلڪي جلن ٿي... ڇا آنسو؟... هاءِ، ڪهڙو آهي هيءُ من......

هن اٿي بتي وسائي ڇڏي ۽ اچي ساڳي آرام ڪرسيءَ تي ليٽي پيو. ٻاهر سخت ٿڌ هئي، مگر شيکر کي لڳو، هن جي من ۾ جو ايڏو ڪليش آهي، اهو ان ٿڌ کي هن ڪمري ۾ گهڙڻ جو اڌڪار ئي نه ڏيندو. پلنگ پرسان لنگهندي، هن هڪ دٻيل سڏڪو ٻڌو هو. هن جي من ۾ آيو، پاڻ رنڪا جي پر ۾ وڃي ليٽي- آخر ته هوءَ سندس پرڻيتا آهي- پتني آهي... نه، هن شاديءَ کان اڳ منهنجو بيحد اپمان ڪيو آهي- بيحد اپمان......
۽ رنڪا......

هوءَ سوچي رهي هئي: نردئي، تو ڪڏهن به مونکي ايترو پنهنجو نه سمجهيو آهي، جو ڪڏهن مونتي اڌڪار جمائين، مونتي ڪو حڪم هلائين، مونکي پنهنجي سڀيئه

جني بدن ۾ جڪڙيل ... سڀ ڏک ان اڪيلي سر ڀوڳيا آهن. تو ڪڏهن به منهنجي ڪلهي تي سر رکي انهنڪي ظاهر نه ڪيو آهي ... تنهنجي ان نرموه، تنهنجي ان بيرحميءَ، تنهنجي ان بيپرواهيءَ، تنهنجي ان ايمان سدائين مونکي جلايو آهي ... منهنجي من ۾ آگ لڳائي آهي ...

* *

رڪا ۽ شيکر جي ٻهراڻ ملاقات هڪ ٿيٽر ۾ ٿي هئي. رڪا جڏهن پنهنجي هڪ ساهيڙيءَ سان اچين سيٽ تي اچي ويٺي هئي، تڏهن شيکر هڪ ٿڌو ساه کڻي چيو هو: اوه، ڇا نه اکيون آهن! اکيون آهن يا شيليءَ جي ڪوتا آهي ...!

رمارڪ ٻڌي رڪا چڙ ڪئي. ڪجهه چوڻ لاءِ هن پنهنجي ساهيڙيءَ ڏانهن نهاريو. ساهيڙي، اسٽيج تي ٿيندڙ ڪندڙ، ناٽڪ منڊليءَ جي سيڪريٽري جي ادائن کي ڏسڻ ۾ محو هئي. رڪا مشڪي ڏنو ته شيکر ٻيو ۾ ويٺل دوست کي چيو، "ديپڪ، اڄ جيڪڏهن هن ڇوڪريءَ هڪ سيڪنڊ لاءِ به پنيان نهاريو ته مان هن کي نمستي ڪندس."

ديپڪ چيو، "مونکي خبر آهي ته جيڪڏهن هن تو ڏانهن نهاري مرڪيو ته تون هنکي نمستي ڪرڻ کان پيران پوڻ اهتر سمجهندين، ڇو جو انين ڪرڻ سان، توکي هنجي جتيءَ جي سخت يا نرم هئڻ جي به خبر پئجي

ويندي." انهن چئي ديپڪ راڪاس وانگر ٽهڪ ڏيئي
ڪلڪ لڳو.

ديپڪ جي پاسي ۾ ويٺل هڪ بزرگ اعتراض اٿاريو،
"اوهين ڇانڪ تي آيا آهيو يا بزار ۾؟"

ديپڪ مختصر جواب ڏنو، "معاف ڪجو، مان اڃا
ته نوجوان آهيان."

شيکر هلڪو کلندي چيو، "ڏس ديپڪ، مان ته هڪ
نظر سان هن تي موهت ٿي پيو آهيان. تون جيڪڏهن
هن انداز سان ڳالهائيندين ته پوءِ هوءِ مونتي نه، توتي
ها ......"

ديپڪ هڪڙي وچ ڪٽيو، "نتيجي ۾ مهندجي شرامتي
گهر جون چابيون مهندجي حوالي ڪري، مونکي چابين
جي نه، آهن جي حوالي ڪري ويندي."

راڪا اچرج وچان ٻنهيان نهاريو — پوءِ ان ديپڪ ڏانهن
۽ پوءِ شيکر ڏانهن. شيکر چيو، "ڏسو، هن طرح ٻنهيان نه
نهاريو. مون پنهنجي دوست سان واعدو ڪيو آهي ته
اوهين جيڪڏهن ٻنهيان نهاريندا ته مان اوهانکي نمستي
ڪندس. مان اوهانکي نمستي ڪري سگهان ٿو، پر هي
بزرگ جو مهندجي پر ۾ ويٺو آهي، انکي اها غلطفهمي
ٿي چڪي آهي ته اسين ٻئي دوست نيڪ ماڻهو نه آهيون.
ٿي سگهي ٿو، هو اعتراض طور اها سيٽ ڇڏي وڃي
۽ ڪنهن والنٽيئر کي وچي اسانجي ڏانهن ڏني. پوءِ

اوھانکي نمستي ڪرڻ جي جرم ۾، ممڪن آھي، اسانکي ھن ٿيٽر مان ني ڪيو وڃي -"

ريکا ڪو به جواب نه ڏئي ڪنڌ ورائي ڇڏيو. ساھيڙيءَ پڇيس، "ڇا، سڃاڻيئس؟"

ريکا ڪن گھڙين جي سوچ بعد مشڪي چيو، "ڪجھ، ڪجھ."

ٻئي طرف شيکر چيو، "اوه، ھنجي اکين ۾ نه صرف شيلي آھي بلڪ براوننگ، ٽينيسن، بائرن، ڪيٽس... سڀ آھن!"

دليپ طنز ڪئي، "گويا اکيون ڪونھن، ھڪ مڪمل لئبرري آھي." ۽ ائين چئي وري کلڻ لڳو. پر ھن دفعي ھن يڪدم ٻاڻ سنڀالي ورتو ۽ ڀر ۾ ويٺل بزرگ ڏانھن منھن ڪري چيائين، "معاف ڪجو سائين، غلطي ٿي وئي. ائين ته ٿي نٿو سگھي ته اوھين مونکي ڏسي پنھنجو ماضي ياد ڪريو ۽ مان اوھانکي ڏسي پنھنجو مستقبل..."

بزرگ ناھ لاءِ ميدان صاف ڏسي مشڪي انگريزيءَ ۾ چيو، "اھا اسانجي بدقسمتي آھي جو اسانجي ڏينھن ۾ سنڌ ۾ ھڪ به سٺو ٿيٽر نه ھو."

* *

شيکر، دليپ کي ٻانھن کان پڪڙي وچ گيٽ جي سامھون واري فٽ پاٿ تي بيٺو. ماڻھو گيٽ مان ٻاھر

نڪري رهيا هئا. هن جي نظر ڪنهن کي ڳولهي رهي
هئي. ڏهاڪو ٻيا ڪر سگريٽ ڇڪيندي تماشو ڏسي
رهيو هو.

ريکا جڏهن ساهيڙيءَ سان ٻاهر نڪتي، تڏهن
ساهيڙيءَ مشڪي چيس، "ڏس، سامهون فٽ پاٿ تي
بيٺو انيٽي، هوُ."

"ڇا پاڳل آهين؟" هن بناوٽي غصو ظاهر ڪيو.

"خاص اڙو ڪونهي. ٻانهن جا ڪف مٿي اٿس،
ظاهر آهي ته ڪلارڪ آهي. ٻانهن ۾ واچ اٿس پر ٽائيم
نٿو ڏسي، لڳيٿو ته صبر جو معادو جام اٿس؛ گهڻو سوال
موٽڻ جو عادي ڪونهي. بوٽ ۾ چمڪو ڪونه اٿس،
ان مان ظاهر آهي ته اڃا ڪنهن سان پيار ۾ ڪونهي.
چپ چاپ آستو بيٺو آهي، ان مان ظاهر آهي ته من ۾
هڪ استاني پاڻ اٿس. جيڪڏهن هو توکي ڏسي مشڪي
ته سمجهي وڃ ته هو توتي موهت ٿي چڪو آهي."

"چپ ته ڪندينءَ يا ٻڪندي ويندينءَ. ٻين جي
معاملن ۾ ٽنگ ٽپاڻي آهين، اهو ان مان ظاهر آهي ته
تنهنجو شري چهري تي ڪلاڪ توتي فدا آهي. ٻي هيءَ
جو سڀ توکي چئي وٺينءَ، ڇو؟..."

“You see, it is youth, beautiful ساهيڙيءَ چيو،
youth!”

"هٽ." ائين چئي هن آهستگيءَ سان پنهنجو پرس

پنهنجي ساهيڙيءَ جي ٻانهن تي ئي هٿيو، ۽ هنجو همت ٽٽي ئي روڪجي ويو. ساڻهون شيڪر ڏانهنس نهاري مشڪي رهيو هو.

ساهيڙيءَ چيس، ”پاسي ۾ اوول پارڪ آهي، هل ته اتي هلون. جيڪڏهن هو ڀنيان اچن ته سمجهه ته...... ٻچ ته...... تون مونسان گڏ آهين. گهر ڏهر سان ڀڄڻ لاءِ، ناٽڪ وڌي هٿڻ جو ٻهانو مان ئي ٺاهيندس.“

رڳو شيڪر ڏانهن نهاري مشڪيو ۽ پوءِ ساهيڙيءَ سان اوول پارڪ طرف وڃڻ لڳي.

ڊيڪ شيڪر ڏانهن نهاريو. چيائين، ”پاڻي لوکي ته invitation ۽ ملي ويئي. نرادر جي ڊپ کان پريشان ئي، مان هڪ سيڪنڊ ۽ هتي ترسي اٿو سگهان. ۽ ڏس ته، مونکي ته پنهنجي هڪ خوبصورت ڳال آهي. اوباش ماڻهن جيان مارڻ مارڻ پٽڪڻ، الڏا ساه ڪٽڻ، ڇوڪرين جو پيڇو ڪرڻ تـ منهنجو سڀاءُ ڪونهي. تنهنجو سڀاءُ آهي، انڪري تون اُن سان نباهه.“ وري ڪلي چيائين، ”منهنجي آشيرواد هميشه تنهنجي رکيا ڪندي، پيٽا!“ انين چئي ٻلز جو تازو ٻرچو شيڪر جي ڪلهي تي ٽڪاءِ ڪندي، هو هليو ويو.

شيڪر ڀنيان ورڙ ڪئي، ”تون وڃي ڪلا پاڻيءَ جي آنچل ۾ منهن لڪائي آرام ڪر: دغاباز دوست، اڄ کان تنهنجي منهنجي دوستي ختم.“

ڊيڪ هڪ زوردار ٽهڪ ڏنو، ۽ هنجو اهو ٽهڪ

اڌ ۾ ئي، ڪٽجي ويو، جڏهن هن ڏٺو ته ٻاسي ۾ هلندڙ
۽ هڪڙي گهور گهور ڪري نهاريندڙ شخص ساڳيو ئي
ٿيٽر وارو ٻزرگ هو.

* *

سمنڊ ڇوليون ماري رهيو هو. رات جي ڪاراڻ ۾
صرف ڇولين جي اُجاڻ ئي نظر ٿي آئي. بيچ (beach)
وارين بلڊنگن جي اڳيان جيڪا هڪ وڏي پٿر جي
ديوار هئي، ريکا اُنکي ٽيڪ ڏيئي ويٺي هئي ۽ شيکر
هنجي پهلوءَ ۾ ليٽيو پيو هو. بيچ تي ٻيا به ڪيترا جوڙا
ويٺا هئا، البت پنهنجي پنهنجي دنيا ۾ گم.

شيکر جڏهن ريکا جي پهلوءَ ۾ ليٽيو تڏهن هنجي نظر
پهرين ريکا جي ڪياريءَ جي اُن حصي تي پيئي جتان
زلفن جي هڪ قطار وکڙ کائي هيٺ سينهي ڏانهن هلي
ٿي ويئي ۽ پوءِ هنجي نظر زلفن جي اُن سيڙهيءَ تان
مٿي چڙهي، ٺُمر کائي، ڪاري ٽڪ تي جهڪي پيئي
۽ هن نهاريو ته ڌيري ڌيري اُنتي پنهنجي سنيهه جي مهر
هڻي. پر هو جڏهن وري ريکا جي پهلوءَ ۾ ليٽيو تڏهن
هنجي ڇهري ڏانهن نهاريندي ئي دنگ رهجي ويو. تارن
جي مڌم روشنيءَ ۾، هن ريکا جي اکين ۾ موتين جي
لڙين کي چمڪندو ڏٺو. هو ٿورڙين پر اُٿي ويٺو. چيائين،
”هي ڇا ريکا—آنسو... تنهنجي اکين ۾؟“

ريکا، شيکر جي منهن کي پنهنجي ٻنهي هٿن ۾
آڻيندي چيو، ”ساگر ۾ ڪيترو پاڻي آهي، ڪير ٿو اُن

ڪي نٿو سوچي. هڪ انسان جي اکين ۾ پاڻيءَ جون صرف
ٻه ٻوندون ڏسي ٻيو انسان ايترو پريشان ڇو ٿو ٿئي؟"
پوءِ شيکر کي پنهنجي گود ۾ ليٽائيندي چيائين، "مان
آهي، ڪير به انهو وڏان ڇاڪي نٿو. ٻهڪي ٿو وڃي
سمنڊ جو امرت پاڻي."

۽ نه معلوم ڪيترو وقت هو ٻئي چپ رهيا.

"هڪ ڳالهه ٻڌايان؟"

"ٻڌاءِ."

"شايد ٺيڪ نه ٿيندو."

"پڇي نه ٿئي."

"تون......"

"مان......"

"تون آتما جو پوڄاري آهين يا جسم جو؟"

شيکر وري ٿوڻين پر آڻي وڌو. چيائين، "پر مان
پوڄاري آهيان، اهو توکي ڪڏهن چيو؟"

"چاهي ڪڏهن به نه چيو هجي. نه چوڻ سان نه سوال
رد نٿو ٿئي."

"نه ٻڌ." شيکر پيشانيءَ ۾ رپڪاٽون ٺاهي چيو، "مان
شاديءَ کان پهرين جسم جو پوڄاري آهيان ۽ شاديءَ
کانپوءِ آتما جو."

"ڇ...آ......"

"رڳا... مان تنهنجي 'پهلوءَ' ۾ ليٽيو پيو آهيان ۽ نه
تنهنجي 'آتما' جي. مون تنهنجي منهن کي چميو آهي ۽

چڏيان نه؟ وري سوچيم، هن سماج ۾ پرش اڪثر استرين تي ظلم ڪريٿو ۽ اسين هندستاني عورتون انجو مقابلو نٿيون ڪريون. نه معلوم هن ديش ۾ ڪيترن استرين پرشن جي ان ظلم جو شڪار ٿي آتم-هتيا ڪري ڇڏي هوندي. هي سڀ ڇا آهي؟ ظلم به استرين تي لئي؟ استريون سزا به پاڻ کي ٿي ڏين! پرش جي ڀيٽ ۾ استريون جلد وشواس ڪنديون آهن، جو هنن جي پرام ۾ سوارٿ نه هوندو آهي- پر اهو ئي ڪارڻ آهي جو پرام ۾ ٺوڳيو به استرين کي ئي پوندو آهي... تنهن ڏينهن فيصلو ڪيو هوم ته مان زندگيءَ ۾ ڪڏهن به ڪنهن سان پرام نه ڪنديس. ۽ جيڪڏهن ڪو پرش منهنجي نزديڪ آيو به ته هنکي خوب حيران ۽ پريشان ڪنديس. ڪنهن هڪ پرش جي بيوفائيءَ جو بدلو، ڪنهن ٻئي پرش کان وٺنديس. ان ڏينهن جڏهن تو منهنجو پيڇو ڪيو هو، تڏهن منهنجي من ۾ اهائي ڳالهه هئي...

شيکر چرڪ پيو.

”پر پوءِ سوچيم، سڀ پرش ته برابر نٿا ٿين. هڪ جو بدلو ٻئي کان وٺڻ انصاف ته نه ٿيو- پر هڪ ڳالهه چونديس شيکر... مونکي هي شرير جي پوڄا جون ڳالهيون اصل پسند ڪونهن... تو منهنجي منهن کي چميو، ان ۾ ڪا برائي ڪانهي. پر مونکي ته اهو وڻيو ڪونه... ياد اچي وئي هن دشت جي. تڏهن ٿي اکين ۾ آنسو......“

“مان تنهنجي ان اٽل وشواس کي جوڙيندس، ريکا.
تنهنجو وشواس ئي، پنهنجي قسمت جوڙيندس، پنهنجو
آئينده ..”

* *

ڪلا چانهه جو پيالو شيکر جي اڳيان رکيو ته هن چيو،
“ڪلا پاپي، منهنجو جنم مرڻ جي ڦيري ۾ انڌ وشواس
ڪونهي. منهنجي پڪي اصل انکي قبول نه ڪندي
آهي. پر جڏهن تون چانهه جو پيالو کڻي منهنجي اڳيان
اچي بيهندي آهين، تڏهن مان قبول ڪرڻ لڳندو آهيان
ته پنر-جنم آهي، ضرور آهي.”

ديپڪ ڏاڙهي لاهي رهيو هو. هن رڙ ڪري چيو،
“اڙي، ري ري ... زال منهنجي ۽ جنم جنم جو ناتو
توسان! ... ڪلا کي هڪ دفعي ڪنهن پامسٽ palmist
چيو هو ته تنهنجي قسمت ۾ ٻن پرشن جو پيار لکيل آهي.
مان نٿو معلوم ڪيترا مهنا ڪيسي ۾ ڪمپ کڻي گهمندو
رهيس، پر نه ڪڏهن ڪٿي ڪلا جو ٻيو ساٿي مليو ۽ نه
اهو حرامزادو پامسٽ...” سيفٽيءَ وارو هٿ سڌو ڪري
چيائين، “بس شيکر... اهو سڀ هن گهر ۾ نه هلندو.
تون سڀاڻ کان هن گهر ۾ اچڻ بند ڪري ڇڏ.”

“ڇو، ڪلا پاپي،” شيکر چيو، “سڀاڻ کان مان
تنهنجي گهر نه ايندس، تون منهنجي گهر اچج.”

“ڊ نٽ اڙ رانيٽ - ڊ نٽ اڙ رانيٽ!” ائين چئي ديپڪ

وري آرسيءَ ۾ نهاري ڏاڙهي لاهڻ ۾ جنبي ويو ۽ انگريزيءَ ۾ زور زور سان ڳائڻ لڳو، ”راڪ-راڪ-راڪ راڪ-راڪ-راڪ...“ ڳائيندي ۾ ٽنگون به ڪڍيائين.

ڪلا چيو، ”هندڪي ٻاءِ ڪونهي، اها ڳالهه غلط آهي. مونکي به لڳندو آهي ته تون منهنجو جنم جنم جو ڏير آهين.“

ڊيڪ ائين ٻوڪ اُڇليو، ”تمام ٿورن ڏينهن ۾ توکي جنم جنم جي هڪ ڏيراڻي به ملڻ واري آهي.“

”اڇا ڏيکاري ته نٿو.“ ڪلا شڪايت ڪئي.

”ڏيکاريندو ڪيئن. هيٺي هلندي آ- هڪيس.

صاحب هڪ دفعو صاحبزاديءَ کي ڏٺو ۽ عاشق ٿي پيو. پارڪ ۾ پٺيان پيس. صاحبزادي ساهيڙيءَ کي چيو: ٻه منٽ ترس ته هن سان ڳالهائي وٺان. ساهيڙي نڪ صاف ڪندي پارڪ جي ٻاهر واري فوٽ پاٿ تي اڪيلي وڃي ويٺي ۽ سڙڪ جي روشنيءَ ۾ اسڪئنڊلي ڪاربانو جو ناول پڙهڻ لڳي.

”شيڪر صاحبزاديءَ جي اڳيان وڃي چيو: امستي!

”صاحبزاديءَ چيو: هن طرح سان پيڇو ڪرڻ مان ڇا اهو ظاهر ڪونهي ته اوهين سڌا ماڻهو نه آهيو؟

”صاحب جواب ڏنو: پيڇي ڪرڻ مان برابر اهو ظاهر آهي، پر پيڇي بعد جيڪڏهن هڪ ٿي ملاقات جو شرف حاصل ٿيندو ته ممڪن آهي ته اها ڳالهه به ظاهر ٿي وڃي.

”صاحبزاديءَ کي جواب وڻي ويو. چيائين: پر ملاقاتون
ڇا هن نموني سان ٿينديون آهن؟

”صاحب جواب ڏنو: ائين ئي ته ٿيندي آهي. پارڪ
آهي، اڪيلائي آهي، تنهنجي اکين ۾ سپنا آهن، منهنجي
اکين ۾ حقيقتون آهن.

”صاحب ويو اردوءَ جا شعر چوندو: تنهنجي ڳل تي
تر ڪونهي، منهنجي دل جليل آهي، تون ڪاڻ ٿي هلين
زمين تي هلي، آسمان تي هلي. صاحبزاديءَ هڪ ڇرڇر
به ڪري ورتس: اوهين ڇا ڪڏهن ٻه نمڪ سوسائٽي
جا انڪٽر آهيو؟ صاحب جواب ڏنو: تون مونکي منهنجي
دل ۾ جڳهه ڏي، پوءِ تنهنجي دل جي اسٽيج تي
ڪهڙيءَ پارٽ ڪرڻ شروع ڪندس. ان طرح ٻئي چار
ملاقاتون پارڪ ۾ ٿيون. ٻه چار دفعا سئنيما تي ويا. هڪ
دفعو ڪُڏ ميوزيم ۾ ويا، جهانگير آرٽ گئلري ۾ ويا،
وڪٽوريا گارڊن ۾ ويا، پليس آ ميوزي؟ ونڊرس ڏسي
آيا. هڪ دفعو سندرباني هال ۾ سياسي تقريرون ٻڌي
آيا، ٻئي دفعي ڪرلا منشري مان ٿي آيا. پروسي جوڳين
مرڪزن مان لـازو اهو ئي پتو پيو آهي ته، صاحب ۽
صاحبزادي هڪ دفعو سمنڊ جي ڪناري به ويا، جتي
ٻه چار ڪلاڪ روني سمنڊ جو پاڻي وڌائي آيا. هيڏانهن
ڏينهن ٻن ۾ آفيشل ڳالهيون هلنديون آهن. اها آهي
صاحب جي لو- هسٽري . love-history“

ڪلاڪ ۾ شيڪر ڪلي ڪلي ٿڪجي پيا. شيڪر چيو ”آئيندس. شاديءَ کان اڳهر هڪڙي هڪ دفعو هتي ضرور آئيندس.“

*　*

”سڀ پرش اهڙا آهن... مطلبي - بيوفائي!“ ريکا چڙ چلاڻي چيو.

”پر ٿيو ڇا؟“ سکيءَ راڌا پڇيس.

”هون!... منهنجو من وشواس ڪري ويو. پر هن ۾ وشواس ٽوڙي ڇڏيو. دادا ويو هو هنجي چاچي سان ملڻ. سڀ ڳالهيون طئه ٿيون. پڇاڙيءَ ۾ دادا پڇيس: ڀلا ڪجهه ڏي وٺ! چيائين: منهنجي نياڻيءَ کي جيترو ڏيندا، اوترو هوءَ خوش رهندي. دادا چيس: پر شيڪر ته انهي برخلاف آهي. جواب مليو: هر نوجوان فيشن جي خيال کان ائين چوندو آهي. دادا کي وڏڪ چيائين: ڏيتي ليتي مون ته ورتي هتي ۾ منهنجي اِيءَ ته ڪير آهي جو ٽٽو وڃي... ڏسو زماني ڊيڊه ماڻهوءَ کي ڪهڙي ته حقيقتن کي سمجهي.

”ان کي اڳ ڇهه مهنا ٿيا، جڏهن شيڪر پهريون دفعو مونکي ڪس kiss...... تنهن بعد مون ان خلاف ناپسنديءَ جو اظهار ڪيو. پر ٽي مهنا هو تهاپس نيڪ نموني سان هليو، پر پوءِ وري هن منهنجي اکين کي، ڳلن کي، چپن کي، ٻانهن کي، آڱرين کي... ڏس اهو سڀ چوڻ نه گهرجي. چوندو هو: تون جڏهن آهين ٿي منهنجي، پوءِ هيءَ ناپسندي ڇو......“

”هاڻ ڇا ارادو اٿيئي؟“

”مان هنجو مُنهن بہ ڏسڻ نٿي چاهيان.“

”چڱي طرح سوچيو اٿيئي؟“

”ها.“

”اُن واقعي بعد اوهين ڪڏهن آهيو؟“

”هڪ دفعو هن منهنجي آفيس ۾ فون ڪئي هئي ۽ چيو هئائين تہ اُن ۾ سندس ڪو ڏوهہ ڪونهي. اها هنجي چاچي جي غلطي هئي.“

”ائين ٿي بہ سگهي ٿو.“

”منهنجو من نٿو مڃي.“

”اُن بعد هو ڇا توسان تہ ڪڏيو آهي؟“

”هڪ دفعو خط لکيو هئائين. چوٿو، هن پنهنجون ننڊون وڃائي ڇڏيون آهن.“

”اهو سچ بہ ٿي سگهي ٿو.“

”نہ راڌا – مونکي خبر آهي، هو آهيئي روپ جو پوڄاري. هنجو پريم، پريم ڪونهي، روپ جو جادو آهي. اها منهنجي غلطي هئي جو مان پنهنجي ڀاورن آزمودي مان نہ سگهيس. مونکي سڪڻ ڪهندو هو. منهنجو هڪ ڪم ڪندين ۽ راڌا؟ تون هڪ دفعو شيکر سان مل، ڪيس چئہ تہ سڀ ڪجهہ وساري ڇڏي. ۽...“

”۽ ڇا؟“

”۽ هڪ ڪوڙ ڳالهائج.“

”ڪوڙ... ڪهڙو ڪوڙ؟“

”کيس چئجي ته ريکا جو ٻهريون ٻراهي واپس موٽي آيو آهي ۽ چئجانس ته اهو توکان گهڻو ٻهتر آهي.“

”ان کوڙ ڳالهائڻ مان فائدو؟“

”ممکن آهي ٻوءِ هو مونکي آسانيءَ سان ڇڏي سگهي. ٻرش ٻيو سڀ ڪجهه ٻرداشت ڪري سگهندو آهي، ٻر هو اهڙي ڳالهه ڪڏهن به سهي نه سگهندو آهي. ممکن آهي ته هڪڙو سڄو ٻريم نفرت ۾ ٻدلجي وڃي ۽ مان انين تي لي چاهيان.“

* *

شيکر چيو، ”راڌا ٻيڻ، نه معلوم ڪيترو وڃايو آهي مون. ورشدي آهي نه، ان ڪري اکيون ٻلڪل چپ آهن. ٻر هڪ ڳالهه چوندس، ضرور چوندس. ريکا ٻهنجي زندگيءَ ۾ ٻن ٻرشن کي ٻيار ڪيو آهي. ٻنهي کي نه ملي ته ڇا ٿيو؟ مهنجو درد ممکن آهي مونکي ٿوري ڇڏي، مگر مهنجو من اهو به ٺيڪ ٿو سمجهي ته ريکا آخر انکي ٻاتو، جنهنکي هن ڪڏهن چاهيو هو. هوءَ مهنجي خانگي ملڪيت ته هئي ڪانه... سوچيانٿو، جيڪڏهن مونکي ٻهنجي ٻريم جي هن نتيجي جي اڳواٽ خبر ٻوي ها ته مان ريکا جي شرير کي هٿ به نه لڳايان ها: نه لانگڙي ته هڪ ٻرش جي هٿ جي ڇهاو سان استريءَ جو سرير اپوتر ٿو ٿئجي. نه، البت هٿ جو اهو ڇهاو استريءَ لاءِ هڪ ڪشٽ دائڪ سمرتي

اٿڻي وڃڻ ... ڪشش ڏانهن انڪري جو وڇوڙو مليو.
جيتوڻيڪ وڇوڙي کان اڳ، وصل جي گهڙين ۾ اهو سڀ
سڀاوڪ هو - ۽ سڀاوڪ هو انڪري سندر هو. وڇوڙي
سبب اهو اسندر ٿيو آ. نٿو اٿڻي، جيڪڏهن ڪو
وڇوڙي کي به سهج سڀاوڪ قبول ڪري."

* *

ڪمري ۾ خاموشي ڇانيل هئي.

شيکر جي آڱرين ۾ چانهه رکي هئي. هو سگريٽ ڇڪي رهيو هو. ڪلا مشين تي ڪجهه سبجي رهي هئي. ڏاهوڪ چپ چاپ پلنگ تي ليٽيو پيو هو ۽ خيالي نگاهن سان ديوار تي ٽنگيل تاج محل جي تصوير ڏانهن نهاري رهيو هو. شيکر چانهه جو هڪ ڍڪ ڀريندي چيو: "ڪلا پياري، تنهنجي ساهيڙي شايد منهنجي وڃڻ کان اڳ نه ايندي."

هن ڳالهه کي ڪجهه ان ڍنگ سان پيش ڪيو، ڄڻڪ ڪلا جي ساهيڙيءَ سان هنجو ڪو به واسطو نه هو. ٻهرين ٻهراڻ هوني هنکي هن گهر ۾ ورتي آيو هو. تنهن بعد ڪلا جي اها ساهيڙي هنجي زندگيءَ مان هلي وئي هئي، پر ڪلا سان هنجو ٻڪو سنبنڌ جڙي چڪو هو. ڪيترائي دفعا هو پاڻ مليون هيون، پر جنهن شخص جي معرفت هو مليون هيون ان شخص جو هن ٻنهي جي وچ ڪڏهن به ذڪر نه ڪيو هو. شيکر کي جڏهن خبر پيئي ته ان شام جو ريکا اتي اچڻي آهي، تڏهن هو بدا تسط جي واپس موٽڻ لاءِ تيار ٿي

ويو ته ممڪن آهي ته ريکا تي اهو اثر پوي ته ڪلا پاڻ
ڪنهن طرح پنهنجي ڪي ملائڻ چاهي ٿي. ممڪن آهي ته
پوءِ هوءَ ڪلا کان ۽ دور ٿي وڃي. ريکا پنهنجي دنيا ۾
خوش آهي. مان هميشه پنهنجي چاهيو ۽ وڇوڙو نٿو چاهيان.

ڪلا هٺڪي چيو، ”شيکر، مان برابر توکي روڪي
نٿي سگهان، پر هن طرح سان تون واپس موٽي وڃين،
اهو مونکي ٺيڪ نٿو لڳي. گهٽ ۾ گهٽ چانهه ته پي
وڃ.“

۽ جڏهن چانهه پي شيکر پيالو ٽيبل تي رکيو ته ٻاهران
آواز آيو، ”مان اندر اچي سگهان ٿي؟“

ڪلا مشين واري ڪرسيءَ تان اٿي کڙي ٿي. چيائين،
”اچ، اچ.“

ديپڪ ۽ پلنگ تان اٿي پاسي واريءَ ڪرسيءَ تي
اچي ويٺو.

ريکا ڪمري ۾ شيکر کي ڏسي هڪ پل لاءِ سهمجي
ويئي. پيءَ گهڙي هلڪي خوشي ۽ ٽيس- هن
کي ڪيترن ڏينهن بعد ڏٺو هئائين. پر شيکر ٽٽجي چڪا
ويو آهي!- ايترو اداس- ايترو پريشان...پر اهوئي ٺيڪ
آهي... ظالم مرد ڪافي پرچيو ٿو ڏسجي.

هوءَ اچي پلنگ تي ويٺي ته شيکر اٿي چيو، ”هاڻ ته
اجازت ملندي، ڀاڀي؟“

”۽ ٻيو ڪوپ!...“ ڪلا چيو، ”۽ ٻيو ڪوپ جو
تون هميشه پيئندو آهين!“

”نه ٻاٻي- گهڻن ڏينهن کان هاڻ اِس هڪ ڪوپ تي پيئندو آهيان!“

هڪ ٻلڪ لاءِ ريکا ۽ شيکر جون اکيون مليون. اُن هڪ ٻلڪ ۾ شيکر جي اکين جڻ اِئين چيو: جنهن جي نالي ۾ هيءُ ڪوپ چانهه جو پيئندو هوس، هاڻ اُها نه رهي آهي. اُن هڪ ٻلڪ ۾ ريکا جي اکين به جڻ اِئين چيو: جنهن جي نالي سان تون هيءُ ڪوپ چانهه جو پيئندو آهين، اُها خود تنهنجو هيءُ ڪوپ پيئندي، شيکر. اُهو هڪ ٻلڪ جو جادو هو.

شيکر هليو ويو. ريکا جو شيکر سان ڪو به سمبنڌ نه رهيو هو، پوءِ به ريکا کي لڳو، جڻ ڪجهه هو، جو هن جي من کان، آتما کان ڪٽجي دور ٿي ويو هو. هنکي لڳو، جڻ شيکر هن طرح سان اُتان وڃي سندس سڄي هستيءَ کي نظر انداز ڪري ويو هو.

۽ هن دِل سو ۾ جڻ شڪايت ڪئي، ”ڪلا، توکي لڳي ٿو ته هن شخص کي هتان وڃڻ لئي اصل دل ڪانه هئي.“

جواب ڪلا نه ڏني، ديپڪ ڏنو ۽ سوال جي روپ ۾ ڏنو، ”ڇو؟“

”مان جو هتي آئي آهيان.“

”جيڪڏهن غلط نه سمجهين ته هڪ ڳالهه چوان؟“

”چئو.“

”هو ويو ٿي انڪري آهي، ڇاڪاڻ جو تون هتي آئي آهين.“

”ڇا اوهانکي منهنجي هٿي اچڻ تي اعتراض آهي؟“

”نه.“ ڊيڪ چيو، ”مونکي اعتراض شيڪر جي هلڻ وچڻ تي آهي.“

”ڇا هنجو هلڻ وچڻ وڏي ڳالهه آهي؟“

”وڏي نه، تمام وڏي ڳالهه آهي.“

”معاف ڪندا جيڪڏهن هڪ ڳالهه چوان؟“

”جيڪڏهن اها منهنجي دوست جي خلاف هوندي ته مان توکي نه ڇا، پر ڪنهنکي به معاف ڪري نه سگهندس.“

”ڇا آهي هن پر... ؟“

”ڏس، تون هن گهر ۾ مهمان آهين، انڪري توکي ڪجهه به چوڻ جو اڌڪار اسانکي ڪونهي، ٻيو هڪ ڳالهه جو خيال رک ته هي گهر ٻهراڻ شيڪر جو آهي ۽ پوءِ ٿي منهنجو ۽ ڪلا جو آهي. هن گهر ۾ منهنجي خلاف ڳالهائڻ جي آزادي ملي سگهندي، منهنجي زال خلاف به ڳالهائڻ جي آزادي ملي سگهندي، مگر منهنجي دوست جي خلاف ڳالهائڻ جي آزادي ڪنهنکي به نه ملندي. توهانجي سڀيتا ۽ توهانجي تعليم توهانکي انسان کي انسان جي ڀيٽ ڪرڻ سيکاري آهي يا نفرت. ڪنهن وقت تو هن سان پيار ڪيو هو- ڪنهنکي عزت ڏيڻ لاءِ ڇا اهترو ڪافي ڪونهي؟“

ريکا ڪو به جواب نه ڏنو.

ڊيڪ اٿي کڙو ٿيو. ڪلا ڏانهن منهن ڪري چيائين،

"مان وڃان ٿو." ۽ هو ڇمڪل پاڻي سيمت ڪيڏي هليو ويو.

"ڪيڏانهن ويو؟" رڪا پڇيو.

"ويو هوندو شيکر جي پٺيان."

"ڇا هو شيکر کي ايترو پائيندو آهي؟"

ڪلا اچي رڪا جي پر ۾ ويٺي. چيائين، "جڏهن شيکر بيروزگار هوندو هو، تڏهن اڪثر هتي اچي ويهندو هو. هڪ دفعي هنڪي چيم: اوهانجو دوست ته بلڪل نڪمو ماڻهو آهي. پڌي ايترو ته ڪڙجي ويو جو مان وائڙي ٿي ويس. ٻئي گهرا دوست آهن. هڪ ٻئي کي هر ڪا ڳالهه ٻڌائيندا آهن- او ويهڻي من جون اڌوريون اڻچٽيون سوچيل ڳالهيون به ٻڌائيندا آهن."

"ته پوءِ هڪ ڳالهه پڇان؟"

"پڇ."

"ڇا، شيکر ٻئي جو پوڄاري ڪونهي؟"

"هي ٻئي شخص نرالا آهن. پروفيسر ڪونهن، فيلسوف ڪونهن، ڪلاڪار ڪونهن، انجنير يا ڊاڪٽر ڪونهن، پر پوءِ به وڏا ماڻهو آهن. ڇو جو هو پنهنجي سوارٿ لاءِ مطلبي نه ٿيندا آهن."

"پر هنجي چاچي جو ڇيو هو."

"توکي شادي هن سان ڪرڻي هئي يا هنجي چاچي سان؟"

"ڪلا!"

”تو مهنجي ڏيڙ کي هن طرح رلائي ڪيڏو ڀاري اُپراڌ ڪيو آهي، توکي اُنجي خبر آهي؟“

”ڪلا!“

”شڪايت نه ڪري - ادا. ٻر ڪڏهن ڪڏهن هن ڪان ٻڌيو ته آهي ته هڪي ماڻي ڇوڻ وٺندي آهي.“

”ڇا اهو سچ آهي؟“

”هو ماڻي ڪانيمدو آهي، ڇاڪاڻ جو جيئڻ لاءِ ماڻي ڪاڻ ضروري آهي. ٻر جيئڻ لاءِ ٻيو ڇا ضروري آهي اهو هڪان ٻيڇ وارو ڪوني ڪونهي.“

”تڏهن مونکان وڏو پاپ ٿي ويو آهي؟“

”ها رڳا - ٻر هاڻ ڇا ٿيندو.“

”نه ڪلي اهو ڪوڙ هو.“

”ڇا ڪوڙ هو.“

”اهو ته ڪو شخص مهنجي زندگيءَ ۾ واپس موٽي آيو آهي.“

”اهو ڪوڙ هو؟“

”ها!“

”سچ؟“

”ها سچ.“

”ٻر تو اهو ڪوڙ ڳالهايو ڇو؟“

”مون چاهيو ٿي ته شيکر مونکي وساري ڇڏي.“

”رڳا - تڏهن مون توکي غلط سمجهيو هو.“

رڳا پهنجا ٻئي هٿ وڌائي ڪلا جي مٿن ٿيانين

آندا ۽ چياءِ، ”تون منهنجي منهن ۾ ڏس، منهنجي اکين ۾ ڏس. ڏس، ڪيترو درد آهي، ڪيتري پيڙا آهي. وڇوڙي جي هر رات، ڪلاڪ، مون اڪيلي ڦٿڪندي گذاري آهي.“

* *

سگريٽن جو سڄو پاڪيٽ ختم ٿي چڪو هو. شيکر واچ ۾ وقت ڏٺو. رات جا ٻه ٿيا هئا. شاديءَ جي پهرين رات، مدي گذري چڪي هئي. ڪمري جي اندر، ڪمري جي ٻاهر خاموشي هئي. ڪمري جي ٻاهر چانڊوڪي هئي، پر ڪمري ۾ اونداهو هو، جهڙي طرح شيکر جي ذهن ۾ اونداهو هو.

اُن ڏينهن ريکا شيکر کي فون ڪيو هو: منهنجي غلطفهمي دور ٿي وئي آهي. ديپڪ، دادا سان ڳالهائي طئہ ڪري ويو آهي. جيڪڏهن منهنجي لائق سمجهين ته......

شيکر آرام ڪرسيءَ تان اٿي ڪمري جي بتي ٻاري. ڪنڊ مان ٻاٽليءَ جو گلاس ڪڍي هٿ منهن ڌوتائين ۽ پوءِ اچي پلنگ ويٺو. ريکا ڏانهن نهاريندي سوچياءِ: مان ـ اِيمان جي جهڳڙي ۾ ڇا هوڙا سندر ٻـراتا نشٽ ٿي ويندا؟

ته......ته...

اِيمان جي جوش وچان ريکا چيو هو: مان زندگيءَ

۾ ڪڏهن ٻه لوڪي پنهنجي شرير کي هٿ لڳائڻ نه ڏيندا هئس. شيڪر کي اهين لڳو ته هن پنهنجي پٽنيءَ جو گهور اپمان ڪيو هو. ربڪا جيڪڏهن هنکي روپ جو پوڄاري سمجهيو هو ته اهو سچ هو - اهو سچ هو. اهو انهن حالتن جو سچ هو، جن حالتن مان ربڪا گذري هئي.

سمجهه وس ني شيڪر ٽيبل تي رکيل ڳالهين مان هڪ ٻه پرچو ۽ اکيان وڌي هن اهي ربڪا جي آڏو وٽ رکيا. انهي پرچ سان ربڪا پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون هيون. انهن ۾ ڪومل ڳالهين جو ڇهاءُ پاڻي هن اکيون کوليون. هن ٻيو ڀيرو دفعو شيڪر جي اکين ۾ آنسو ڏٺا. هوءَ ٽپ ڏيئي اٿي ۽ شيڪر جي ٻانهن ۾ هٿ وجهي چيائين، "اپماني، ڇا سڀ ڏک تون اڪيلو سهندين؟ مونکي پنهنجو هڪ به ڏک نه ڏيندين؟"

شيڪر ربڪا جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو، "مان ۽ اپمان جي سوال تي جهڳڙو... مان صفا ٿڪي ويو آهيان ربڪا، مونکي معاف ڪر. هن طرح منهنجي شڪايت ڪري مونکي پاپ جو ڀاڳي نه بڻاءِ!"

۽ ربڪا ساڙهيءَ جي پلاند سان ٻهراڻ شيڪر جا ۽ پوءِ پنهنجا آنسو اگهي ڇڏيا.

# موهي - نرموهي

## موهن ڪلپنا

ٻارس مان اميءَ لکيو هو: تنهنجي لاءِ هڪ ڇوڪري ڳولهي آئم. ڇوڪري ڪانهي، جهڙي چنڊ جو ٽڪرو آهي، جلد اچ ته تنهنجي شادي ڪرايان. ذاج ڏيڻ ۾ شايد ڪار به ملئي. بابا لکيو هو: هاڻ وڌيڪ پڙهڻ جي ضرورت ڪانهي. ماءُ جي ڳالهه مڃ ۽ هڪدم بمبئيءَ جا وڻ ڇڏي ٻارس هليو اچ.

اميءَ کي لکيم: امڙ-اي پڙهڻ کان اڳ مان شاديءَ جي ڳالهه سوچي به نٿو سگهان ۽ بابا کي لکيم: ڇوڪري ڀل چنڊ جو ٽڪرو هجي، ليڪن جيڪا ڇوڪري مونکي ڏسڻ بنان ئي مونسان شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهي، تنهن کي مان پنهنجي پسندي ڪيئن، اِن حالت ۾ پڙهائي نٿو سگهان. ڪار جو شوق اميءَ کي آهي، مونکي ڪونهي. ٻنهي حالتن ۾ مان شاديءَ لاءِ 'ها' ڪري نٿو سگهان.

بي-اي پاس ڪرڻ بعد به جيڪڏهن مان پنهنجي قسمت جو فيصلو پاڻ نه ڪري سگهان ته ڇٽو ته منهنجي تعليم ۽ اوهانجو پئسو اجايو ويو آهي.

موٽ ۾ امي چپ رهي، مگر بابا لکيو: شادي ڀل تون ڪنهن سان به ڪر، ليڪن مونکي ان لائق ضرور ٻڌاءِ جو مان به پنهنجن دوستن جيان سيٺن وارو ٿيان ۽ ڪنهن پنگت ۾ ويهي ڪنهن سشيل ننهن جو سهرو سڏائي سگهان.

شرت چندر جو پڪت آهيان- انڪري استرين لاءِ سوچڻ جي عادت مونکي ننڍپڻ کان رهي آهي. ڪڏهن اگر انهنجو پورو مان ڪرڻ ۾ گهٽ آهيان ته ان ۾ ڏوهه شرت بابوءَ جو نه، منهنجو آهي، ڇو جو مان وري به پڪت آهيان، خود شرت چندر نه آهيان. ڪاليج هاسٽل ۾ منهنجي ڪمري جو هڪ پاسو شرت چندر جي ڇترن ۽ ڪتابن سان سجايل آهي. بابا جيڪي به پئسا موڪليندو آهي، انمان گهڻا پئسا ڪتابن ۽ سئنيمائن تي ويندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ڪلب، آرٽ گئلري، ميوزيم وغيره ۾ به پيو ويندو آهيان، جيتوڻيڪ انهن سڀني ڳالهين جو منهنجي ڪهاڻيءَ سان ڪو به سڌو واسطو ڪونهي.

ڪاليج جي ڊبيٽنگ سوسائٽيءَ ۾ مون اڪثر استريءَ جي آزاديءَ جا گيت ڳاتا هئا ۽ انهن مردن جو مذاق

اڻڀاڻو هوم، جن لاءِ استري اَبلا يا سندن خانگي ملڪيت ٿِي رهي آهي ۽ اُنهن لاءِ اُهي دليل ڳولهي ڪيا هئم جيڪي ٻڌي ڪاليج جون ڇوڪريون به عجب کائينديون هيون.

نياڻيون ڪهڙي ڳالهه ۾ پر ڪي، ڪاليج جي ڏاڪڻ تان لهندي سانڌا چيو هو، "مگر دنيا جي مڙني مذهبن ۾ استريءَ کي ئي پاپ جي جڙ ڪوٺيو آهي، اهو ڇا ڪوڙ آهي؟"

مون اچرج وچان هنڌانهن نهاريو. هوءَ مونسان لڳي لڳي هلي رهي هئي. هنجي چهري ۾ نهارڻ سان ئي مهنجو من جڻ امرت سان ڀرجي ويو. هنجي چهري ۾ هنجي سموري معصوميت، سادگي ۽ سرلتا ڀريل هئي.

مون چيو، "استريءَ جو سهڻو روپ ڏسي جن شخصن جو من پنهنجي جڳهه تان هٽي ويو آهي، تن شخصن پنهنجي من جي ڪمزوريءَ جو ڪارڻ استريءَ جو روپ ڄاڻائي، استريءَ جي روپ جي نندا ڪئي آهي. پنهنجي ڪمزوري لڪائڻ انساني سڀاءُ آهي. نتيجي ۾ ڪمزور مرد، مگر بدنام استري رهي آهي."

هن پيشانيءَ ۾ ڪانئون ٺاهي چيو، "تون شايد صحيح آهين."

"اسانجي ڪن شاسترن نوجوان مرد کي سانوڻي نديءَ هٿيار بند سولجر، باهه ۽ جوان استريءَ کان پري رهڻ جو اُپديش ڏنو آهي؛ جنهن مان ظاهر آهي ته مرد ڀاڙڪي

استريءَ سان منهن مقابل ٿيڻ جي قابل ئي نه سمجهيو آهي.“

ساڌنا منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي چيو، ”شري، تون مها پرش آهين.“

مان مها پرش آهيان، اهو سچ سمجهي ٿي شايد ساڌنا مونسان ها ۾ ها ملائيندي هئي. مان جن ڪوتائن جي ساراه ڪندو هوس، سي هوءَ ٻر زبان ياد ڪري ايندي هئي. جن گرنٿڪارن کي مان سرپرست ظاهر ڪندو هوس، هوءَ ان جا سمورا سيٽ خريد ڪري ايندي هئي. مون ساڙهيءَ جي تعريف ڪئي ته هن انگريزي ڍنگ جا ڪپڙا پائڻ ڇڏي ڏنا. ڪيسن ۾ وڦٽي، اکين ۾ ڪجل، ڳلي ۾ هار پائڻ ۽ پيشانيءَ تي ٽلڪ هڻڻ سکي. هٿ ۾ پرس سان گڏ ڪتاب رکڻ جو شوق شروع ڪياءِ. هن شرت ۽ ٽئگور کي پڙهڻ شروع ڪيو. مون ميري جي ساراه ڪئي ته هن اپواس رکڻ شروع ڪيو. مون ستياوانڻ جي ڪٿا کي ستيه جي راهه تي هلڻ جي وياکيا ڏني ته هن گهر ۾ اها ڪٿا ڪرڻ شروع ڪئي. منهنجي وچار ۽ هنجي عمل ۾ ڪو به فرق نظر نٿي آيو. مونکي انهن لڳو ڄڻ مان آواز هوس ۽ هوءَ پڙاڏو هئي.

مان استريءَ جي ان روپ کي ناپسند ڪندو هوس.

هوس. هوءَ ڦاٽڪ جي اندر، ڦاٽڪ جي شيخن سان لڳي بيٺي هئي. منهنجو هٿ هنجي هٿ ۾ هو.

مون پڇيو، ”ساڌنا، تنهنجي سنيه جي منزل؟“

پڪاپڪ هٿ ڇڏائي هوءَ ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳي.

مون پنهنجو سر لوهي شيخن جي دروازي تي کڻي رکيو. هن کلڻ بند ڪري شانت ڀاو سان چيو، ”شري، سنيه جي منزل آتما جو سمرپڻ آهي نه؟“

”ها، ۽ تنهن بعد آنندڪار آهي!“

”شري!“ هن چلايو.

”تنهنجي جيون ۾ مون ڪانسواءِ بيو سڀڪجهه، آنندڪار ناهي نه ڇا آهي. ڪار، بنگلو، ٻارڪ، سڀ تولاءِ ڪوڙ آهي.“

”ها، آهي.“

”تون صرف مونلاءِ آهين.“

”اهائي منهنجي سمپتي آهي.“

”۽ باقي دنيا؟“

”مونلاءِ ڪوڙ آهي.“

”سچ!“

”شري، سچ، مونلاءِ توڪانسواءِ سڀ ڪوڙ آهي.“

جن استرين جو سنيه نه پاتو آهي، سي هيءَ ڳالهه سمجهي نه سگهندا. استريءَ جي سنيه جي اپار دنيا ۾

مونکي ساڄنا ۾ اُها نظر نٿي آئي... استريءَ جي اصليت، جنهن سبب هنجي سنيهه ڪـي پاڻ ڪنن ۽ ڪنهن حد تائين ناممڪن ٿيندو آهي.

مان ڪاليج نہ وڃي گهر ۾ پيو هوندو هوس ۽ اڪثر ڪنهن بيءَ ٽائيپ جي استريءَ لـي سوچيندو رهندو هوس. ليڪن من جو سنسار نرالو آهي. ساڄنا، سڀاجهي ساڄنا، پاڻ مڃائيندڙ ساڄنا، ڪمل جي گل جيان منهنجي من سروور جي سطح تي تري ايندي هئي ۽ مان زور سان 'نہ'-'نہ' پڪاري هليو ويندو هوس سمنڊ جـي ڪناري.

آگريون واريءَ ۾ ليڪون ڪڍي ۽ اکيون تارا ٽڪي اڪجي پوندا يون هيون، مگر نہ ڇٽن من کي ايندو هو ۽ نہ مان ساڄنا وٽ ويندو هوس.

۽ هڪ رات......

واريءَ جي بستر تان اٿي سوٽي رهيو هوس. من منهنجي جڳهہ تي نہ هو، لڙڪري آنسو منهنجي جڳهہ تي رهڻ لاءِ تيار نہ هئا. ساڄنا وٽ نہ ويندس اهڙو منهنجو فيصلو هو، مگر منهنجي من منهنجي خيالن کي پڪاري اٿاڻي، ساڄنا جي بنگلي جي ڦاٽڪ پاهران وڃي ڏيرو ٿي ڪيو ۽ ساڄنا منهنجي هڪ خيال ۾ اڳيان پاڻ ارپڻ ڪرڻ لاءِ تيار هئي.

"ٻوُ قول!" ڪنهن دبيل آواز ۾ چيخ ڪئي.

موٽندي واريءَ جي بستري تي ليٽيل هڪ استريءَ

رومال کي پنهنجي ڀلانوڙ ۾ وجهي هلو، اُهو ئي اُنجو سد
اُپيوگ آهي. ٻين کي اهو رومال سونهن ڏيندو ۽ اوهان
کي سگهندا!"

مان کنڌ هيٺ ڪري جڏهن ئي اڳيان وڌيس ئي ته
هن چيو، "ڇا ڪڏهن استريءَ کي اڪيلو ڏسي به توهان
هن لاءِ ترسي نٿا سگهو؟"

اهو هڪ قسم جو مان هو. مون روڪجي چيو، "مان
ترسان ها، مگر توهان ... مگر تون شايد مونکي غلط
سمجهين ها."

"غلط سمجهڻ جو ڪم،" هن نهايت رسيلي آواز ۾
چيو، "مرد ڪندا آهن - مونکي جڏهن روپ ۾ توهان ڏٺو
ڇا اُن ئي اوهانکي مونلاءِ ڪا غلط فهمي نه ٿي؟"

"غلط فهمي!" مون مسڪرايو، "اپسرائن جي ٻاري
۾ غلط فهمي جو ذڪر نه ڪتابن ۾ به ڪونهي."

هوءَ منهنجي قريب آئي. چيائين، "جيڪڏهن توهان
اپسرا سنا آهيو ته مان چاهيندس توهين مونکي ڪِس
ڪريو!"

ڪس ......

هڪ پل لاءِ لڳو، هوءَ اپسرا نه منهنجي ساڻ نا هئي
۽ مون هڪڙي زور سان ڇڪي پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳايو.
منهنجي ساڻ نا!...

ساگر ۾ هوا جو هڪ جهونڪو آيو ۽ ٻنهي ٿي آشيرواد
جو هٿڙو گهمائي اڳيان وڌي ويو. چانڊنيءَ جو هون جلي،

رهيو هو. لهرون اوچيون اُٿي اسانجو ملڻ جاچڻ لڳيون. تارن جي وڻن جي پنن منتر پڙهڻ شروع ڪيا. هٿ هٿ سان نه ملندو، چپ چپن سان ملندا- جسم جسم سان مليو آهي، جهڙو ساڪي چنڊ آهي، ساگر آهي، زمين آهي، آسمان آهي.

هوءَ ساڃاڻ نه هئي- اهو خيال اندر ئي مون هڏڪي پاڳلڪان الڳ ڪيو- مگر منهنجو سڄو سر ٻر لڏور جي انيءَ جيان جاڳڻ لڳو هو.

مونکي ڪر- سر ڏسي هن ڪنڌ جي لوڏ سان پيشانيءَ تي لٽڪندڙ وارن کي هٽائيندي چيو، ”اوهين هليا ويندا، مان هلي وينداس، چانڊني لوه لاءِ هوندي، لهرون لوه به هونديون. ڀيرن جا نشان مٽجي ويندا، مگر جيڪا مٽجي نٿي اها سمرتي آهي، جهڙيءَ نرماڻ لاءِ منهنجا چپ آهن، ڳل آهن، اکيون آهن، واڇ آهي ايڪانت آهي، جواني آهي، سونهن آهي، درد آهي ۽ سپنا آهن!“

هڪدم اکين ۾ چانڊني چمڪڻ لڳي.

مون چيو، ”تون ڪير آهين تون؟“

”مان!...“

”ها، تون- ڪير آهين؟“

”مان!... بس سمجهه هڪ ڪوتا آهيان... اڻ ڄاتل، اڻ سوچيل!“

"تنهنجو مطلب شايد اهو آهي ته ... نه، توکي اڃا ڪنهن به پيار نه ڪيو آهي."

هن اکيون هيٺ ڪري ڇڏيون. هن ائين اکيون هيٺ ڪيون ته مونکي ساڃنا جي ياد آئي - اُن ساڃنا جي ياد، جنهنجي جادوئي اثر هيٺ اڄ مون هن ناريءَ کي پنهنجي سيني سان لڳايو هو. پر هاڻ... مون هنکي چيو، "اچ ته ڊڪون؟"

"ڊڪون؟"

"ها!"

"ڇا لاءِ؟"

"مان پاڻکان الڳ ٿيڻ ٿو چاهيان."

"رات جو ماڻهو پاڻکي ڀلائڻ چاهيندو آهي ؟ نه، وڃائڻ."

"مان تو تائين پهچڻ ٿو چاهيان."

"مگر مان ته تو سان گڏ آهيان."

"ها مگر تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ هڪ ڇايا آهي، اچ ته اُنکان دور ڀڄون."

اسان هٿ هٿ ۾ ڏئي ڊڪڻ شروع ڪيو. ڊڪندي ڊڪندي ٻئي سهڪڻ لڳاسين. ٿڪاڪ هوءَ ٿڪي رهي. مگر هنجو سينو زور سان هيٺ مٿي ٿي رهيو هو.

"تون مورک آهين!" هن شڪايت ڪئي.

"شايد آهيان."

"شايد نه، سچ پچ آهين!"

"منهنجي من ۾ ڪليش آهي."

"ڪليش منهنجي من ۾ ئي آهي."

"ڇا جو ڪليش؟"

"ڇڏي نٿي سگهان."

"پوءِ شڪايت ڇا جي؟"

"تنهنجي دوري..."

"تولاءِ مان هڪ گمنام شخص آهيان."

"صرف اڄ لاءِ."

"۽ پوءِ؟"

"۽ پوءِ تون منهنجو ڄاڻل هوندين."

"۽ پوءِ؟"

"۽ پوءِ مان تنهنجي ڄاڻل هونديس."

"۽ پوءِ؟"

"پوءِ تنهنجو سر هوندو..."

"ڇا آئون ٿي ڪريان؟"

"تون مونکي bore ڪري رهيو آهين."

"هڪ سوال پڇان... تنهنجو هي پيار صرف مونلاءِ آهي يا ......"

هن جهٽڪو ڏيئي مونکان پنهنجو ڪوٽ کسي ورتو.

"بس، شايد غلطي ڪيم." هنڪي پاڻهن کان پڪڙي ڇيم، "ليٽ مي ڪس يو!"

"پري ٿي!" اهين چئي هن پاڻ ڇڏايو ۽ ويندي

وِيندي چيائين، "مـان اهڙي نـاهيان، جهڙي تـون سمجهين ٿو!"

مان ايئنو رهيس- ۽ هوءَ هلي وئي.

مهانڻو- اهو سڀ سيڻي جي زندگيءَ ۾ ٿيو ٿئي. مگر سڀ مون جيان بدقسمت به نه ٿيا ٿين. سمنڊ جي ڪناري واريءَ جي ڀڀرن کي ٽيڪ ڏيئي، چنڊ کـي ڏسڻ وارن نارين جي ڪمي ممبئيءَ ۾ ناهي. مگر انهن نارين سان سيڻي جي نوڪر ٿي لڳي ۽ نـه اهي سڀ ناريون هن آسرا جهڙيـون نيمڌيون آهن. نيڪ اهڙي طرح سان هرڪو شري ٿيو ٿئي.

مون ڇو هن ۾ گمان آندو؟ بلاتوز ڪولڻ سان ڪنهنجو دڙجو هيٺ ٿيو ٿئي ۽ نه ٻيا واقعيت واري سنيڪا جي ٻرڇيڻ، ٻاپ جو ڪاوڙ ٻٽجي ٿي. ٻر اها ڳالهه مونکي ٺڏهن سمجهه ۾ ڇو نه آئي- ڇو نه آئي...؟

مون نه هنڪان هنجو نالو ٻـه ڪونه پڇيو... لڳو ٿي، هوءَ رواجي عورت نه هئي، بلڪ سرڳ جي ڪا آسرا هئي، جا پنهنجي ڪلاسيڪل روپ ۽ سجاوٽ سان ڪنهن پراڻي ڪنڊهر يا غفا جي مورتيءَ مان ٻاهر نڪري آئي ۽ هن مونکي ٻاڻ چمڪ لاءِ ڇيو هو...ناريءَ جو هيءُ ڪهڙو روپ آهي؟

ڪجهه سال اڳ هڪ ڪهاڻي پڙهي هيم. هڪ انقلابيءَ کي صبوح جو ڦاسي اچڻي هئي. جيلر جي ڌيءَ انقلابيءَ جو پريشان روپ ڏسي سوچ ۾ پئجي وئي. هڪ رات بعد هن کي ڦاسي اچڻي هئي، هڪ رات بعد هن نوجوان جو موت ليکيو هو ۽ ان نوجوان جي ان آخرين رات ۾، زندگيءَ جو سمورو امرت پيئڻ لاءِ جيلر جي اها ڌيءَ انقلابيءَ جي ڪوٺيءَ ۾ هلي وئي...

مان به ته پريشان هوس... پر مون هن جي سنيهي جو اپمان ڪيو هو.

ان رات مان ساڳي جڳهه تي ويس، پر هوءَ نه ملي. شاهدي لاءِ چنڊ حاضر هو، فيصلي لاءِ لهرون هيون، منٿون لاءِ وڻن جا پتا ۽ آشيرواد لاءِ هوا هئي. چاندني جو هڙئون به جلي رهيو هو، مگر اها نه هئي، جنهن کي رات ۽ ڏينهن جا پورا چوويهه ڪلاڪ ياد ڪيو هوم ۽ جنهن جي ياد جو هڪ هڪ ڪلاڪ هڪ هڪ سال بڻجي گذريو هو.

مون هٿن ۾ واري کڻي انکان پڇيو، ”واري پياري، ڇا توکي منهنجي پريءَ جي خبر آهي؟“ تارن کان پڇيم ”ڇا توهين ٻڌائي سگهو ٿا؟“ هڪ وڻ کي ڏوڙائيندي چيم، ”تون چپ ڇو آهين؟“ ۽ جڏهن پريءَ جي شڪل اکين اڳيان اچي بيٺي، تڏهن مون لڙڪندي چيو ”چاندنيءَ کي زلف ڪونهن، لهرن کي ڳل ڪونهن، هوا کي اکيون ڪونهن، وڻن کي آڱريون ڪونهن. مان ڪنهن جا چپ،

ڪنهنجون اکيون، ڪنهنجا زلف، ڪنهنجون آڱريون چمان ...“

نه معلوم ڪيتريون راتيون سمنڊ جي ڪناري ڏانهن ويس – ڪرشن پکش جون اونداهيون راتيون شروع ٿي ويون – جيتري اونده ٻاهر هئي اوتري منهنجي من ۾ به هئي.

ڪٿي پڙهيو هوم: جڏهن ماڻهو هڪ آدرش کي ڇڏي ٻئي ڏانهن ڀڄندو آهي، تڏهن پهريون آدرش هميشه اُنکي پاڻ ڏانهن سڏيندو آهي؛ ماڻهو ٻئي آدرش کي پاڻ ۾ ڪنداڻي ڏسي آسانيءَ سان پهرئين آدرش ڏانهن موٽي ايندو آهي؛ پوءِ پنهنجي واپسيءَ کي آدرشواد جو روپ ڏيندو آهي.

چيم: مان استريءَ جي جنهن آزاديءَ جا گيت ڳائيندو آهيان، اها آزادي جيڪڏهن ڪنهن عورت جو بلائوز کولي ٿي ڇڏي ته مان اهڙي آزاديءَ کي دور کان ئي سلام ڪريان ٿو. اُن کان اهو بدن بهتر آهي، جنهن ۾ ڏڪ ڪونهي، ضد ڪونهي، احمق ڪونهي، جيتوڻيڪ اُمر ڪوٽا به ڪانهي، ڀاشا ڪانهي، ارٿ ڪونهي، سنگيت ڪونهي، سونهن ڪانهي. پر ڪجهه آهي، ڪجهه آهي...

مان هڪ شام جو ساڌنا جي گهر ڏانهن هليس. هو پنهنجي بنگلي جي پارڪ ۾ ڪانه هئي. نوڪرن چيو مٿي ڪمري

۾ آهي. مان مٿي ڪمري ۾ ويس. ڏٺم، هوءَ پيانو تي ڳائي رهي هئي. هن جي اکين مان آنسو وهي رهيا هئا.

مان چپ چاپ دروازي تي بيٺو رهيس.

هوءَ ڳائي رهي هئي. مون هن جي گهر ۾ پيانو اڳ ۾ ڏٺو هو، مگر مون سمجهو ته اهو ماڻهن سوسائٽيءَ جي فئشن موجب گهر جي سجاوٽ لاءِ رکيو ويو آهي. ته، اڻ ڇهيو ئي رهيو هو.

مون پڪاريو، ”ساڌنا!“

پڪاريڪ پيانو جو وڄڻ بند ٿي ويو. هن اسٽول تان اٿي، ٽڙي چيو، ”شري، تون!... تون!“

مون سوچيو: پاڳل آهيان مان — منهنجي منزل سامهون آهي ۽ مان آهيان جو بيابانن ۾ ڀٽڪي رهيو آهيان. چيم ”دل ۾ درد هو ۽ تنهنجي ياد ڇڪي آئي آهي.“

هن اڳيان اچي چيو، ”اهڙي حالت ۾ تو مون وٽ اچي مونکي جيڪو مان ڏنو آهي، سو ڇا تون ڄاڻيندين! ڏس، وري جيڪڏهن تون مونوٽ نه ايندين ته مان هن پيانو سان پنهنجو سر ٽڪرائي آتم-هتيا ڪري ڇڏيندس! ائين چئي هن پنهنجي هٿ سان پيانو ڏانهن اشارو ڪيو.

مون پنهنجي نظر پيانو ڏانهن ڪئي ۽ اوچتو منهنجي من ۾ هڪ نرالي سنگيت جا سر وڄي اٿيا. مان اڳيان وڌي مٿي تي هٿ رکي واڄي رهيس. منهنجي من ۾ هڪ آواز اٿي رهيو هو، ”... بس سمجهه، هڪ ڪولا آهيان اڻ ڄاتل ... اڻ سوچيل.“

ساڻ ٺا قريب اچي مهمجي ڪلهي تي هٿ رکي چيو،
”ڇا ٿيو شري ؟“

مون هنجي هٿ سان پنهنجو ڳل لڳائي چيو، ”ساڻ ٺا،
مان اڄڪله دکي آهيان.“

هن پنهنجون ٻانهون مهمجي ڪلي ۾ وڌ ائون ۽ مهمجو
مهن هنجي ساڙهيء ۾ ڪمر ٿي ويو. هن چيو، ”پر ٿ ٿوکي
ٿيو ڇا آهي ؟“

مان ڪو به جواب ڏيئي نه سگهيس. مهمجي سواسن
۾ هنجي شرار جي سڳنڌ پرجي ويئي ۽ ڪن گهڙين لاء
مهمجي من جو ڪليش دور ٿي ويو ۽ مان اٿي ايٺس.
هنجي اکين ۾ اڃا آنسن جي اڙي چمڪي رهي هئي.
مون چيو، ”ڇا ٿون مونسان ڪار ۾ ٻاهر هلندينء ؟“

هوء ساڙهيء جي پلاند سان پنهنجو مهن اگهي مونکي
ٻاهر وٺي آئي. ڪار ۾ هميشه جيان مان هنسان گڏ ويٺس
مگر هن دفعي اسين ٻئي چپ هئاسين. ڪار وارڊن روڊ،
مها لڪشمي ۽ ٿنهن بعد ورلي سي فيس وارو رستو وٺي
هلي رهي هئي، مگر سمنڊ کي ڏسي مهمجي من ۾
وري ٿه ٿاريء جي ياد اچي واسو ڪيو. ڳاڙهيون ساڙهون
پيليون ٿيون اکين اڳيان گذري رهيون هيون، مگر
اهي سڀ هڪ چتر ٺي ٺي روشني وڃهي رهيون
هيون. ڪوئي آواز وري وري چئي رهيو هو، ”مان
هڪ ڪوٺا آهيان... اڻ ڄاڻل، اڻ سوچيل...“

ڪار واپس موڙ لڳي - مگر من واپس موڙ جو نه

هو. مون ڪيمپس ڪارنر تي ڪار روڪائي. چيم، "هتي ترس، مونکي وڃڻو آهي ... مڇ، وري ٿورو اچندس."

پارڪنگ پليس نه هئڻ سبب هن ٿيئٽر سي روڊ جي ڪارنر وٽ ڪار روڪي ۽ چيائين، "اڇا، مان انتظار ڪندس."

مان اتان پنڌ ئي ڪارمائيڪل روڊ ڏانهن روانو ٿي ويس.

تنهن بعد ڪيترون شامون روز هنجي گهر ويس. هنجي پيءُ سان هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ۽ ماءُ سان ٻه چار دفعا شاستر ارٿ ڪيم ۽ ان ريت ڪيترائون واليون پريءَ کي وساري ويٺس.

هڪ شام ساڌنا ۽ مان پوائي - ليڪ تي وياسين. هيڏانهن هوڏانهن گهمي لتائن جو هڪ ڪنڊ ڳولهي ڪي يرسين. چئني طرفن کان لتائون هيون، جن ۾ وڏا پنا ۽ سهڻا گل هئا. ڪنڊ ۾ اندر گهڙندي ئي هوءَ هيٺ گاهه تي ليٽي پيئي. مان هنجي پيرن کان ٿي ويٺس. ٿي پري هئي، البت مٿي آڪاش ۾ پاسي کان تيرس جو چنڊ چمڪي رهيو هو. مان هنجي منهن ڏانهن نهارڻ لڳس. هنجون اکيون ٻُل، چپ سڀ ڪلا ئي لڳي رهيا هئا. اڪاڪ منهنجي اکين ۾ هڪ عجيب قسم جو خمار چڙهڻ لڳو. اٿين لڳم ته لتائن جي ان ڪنڊ ۾ مون جڻ پنهنجو وسند - ٻارڻ چورايو هو ۽ آهستي آهستي لتائن جو اهو سڄو ڪنڊ، مندرا سان پُرجي رهيو هو. مون هڪ

نظر چنڊ ڏانهن ۽ وري هن ڏانهن کئي ۽ هن مسڪرائي ڏنو. مسڪرايو ته هن اڳي به ڪيترا دفعا هو، مگر سڀ دفعا ڇا هوءَ مونکي اهڙي موهيندڙ لڳي هئي ۽ ايءَ گهڙي هڪ گرم سواس ڇڏي مان، هنجي پير ۾ ليٽي پيس.

هن مون طرف ٻاسو ورايو، ڇپائين ڪجهه ڪين ۽ مون پنهنجو سر هنجي ڇاتيءَ تي رکي ڇڏيو...... مان هنجي دل جي ڌڙڪڻ به ٻڌي ٿي سگهيس. سواس ڪڻڻ سبب هنجي ڇاتي هيٺ مٿي ٿي رهي هئي. اُن وقت اڪايڪ ياد آئي گيت گووند جي هڪ وارتا... راس ليلا ڪندي ڪرشن پنهنجا اهڙا ته روپ ٺاها جو هر گوپي ائين وسهڻ لڳي، گويا ڪرشن هن سان ئي راس رچي رهيو هو... پر ڪرشن ته رادا کي ڪڙائيءَ کان اڳڙي هليو ويو هو، لتائن جي ڪنهن ڪنج ۾... نه، اها وارتا نه ٻي وارتا ياد آئي... ڪرشن رادا جي ڇاتيءَ تي ڪنڌ رکي ليٽيو پيو هو... هنجو سڄو شرير ٻسيني سان تر هو ۽ هنجا سواس تيز چڪا هئا...

ساڌنا آهستي آهستي اٿي. هن نهايت ساوڌانيءَ سان منهنجو سر پنهنجي گود ۾ رکيو ۽ پنهنجو منهن منهنجي قريب آڻيندي چيو، "آرام ڪرڻ ٿو چاهين!" اُنهن ٻن اکين منهنجي اکين ۾، تن من ۾ هڪ اهڙي جنبش ٻري جو مون پنهنجي ڪاٻي ٻانهن وڌائي هنجي منهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو ۽......

اُن وِهِل...هاء! مـن اندر جهڙ ڪنهن دانهن ڪئي،
”مان اهڙي ناهيان، جهڙي تون سمجهين ٿو. مان آهيان
هڪ ڪولا، اَڙ جانئل ... اَڙ سوچيل!“

۽ هڪ پلڪ جي اندر، مدن جو سمورو جادو لٿائن
جي اُن ڪنچ ”ان لهي ويو. هيڏانهن ساڻ ٽا شرمـانجي
چيو، ”ڇا اِنلاء تي هتي وٺي آيو آهين!“

مونتي وري مدرا جو خمار چڙهي ويو. مـون اُئي
لتائن مان به ئي گل پتي هنجي منهن ڏانهن اُڇلايا. هن
به ئي دفعا اکيون ڇنڀي گهرو گهرو مسڪرايو.
چيم، ”تون خوبصورت آهين.“

هن اکيون بند ڪندي چيو، ”تنهنجي اکين جـي
مهر بانئي.“

”تون اکين لاء ننڊ ۽ ننڊ لاء هڪ خواب آهين.“

هن گنڀير ٿي چيو، ”اصل ۾ آهيان هڪ اوجاڳـو،
هڪ سراپ.“

”مان پنهنجي ڳالهه تو ڪريان.“
”مان پنهنجي ڳالهه ئي ڪريان.“
”نه نه، تون مهان آهين، بيحد مهان ...“
”مان تنهنجي داسي آهيان.“
”تون مدهنجي اکين جي روشني آهين.“
”مان تنهنجي پيرن جي مٽي آهيان.“
مون کجي چيو، ”تون بيوقوف آهين.“

"مان تنهنجي آهيان."
"تو وٽ انڪار ڪونهي."
"مون پرڻام ڪيو آهي."
"تون مونسان بحث نٿي ڪرين."
"مونوٽ سوال ڪونهن."
"تو ۾ خودي ڪونهي."
"منهنجو سمرپڻ!"

نه ڪنهن اهڙو سنيهو موڪلي، نه ڪنهن، نه ڪنهن. موڪلي شوخ سنيهو ڪنهن - شوخ.

مگر مون ڪجهه چيو ڪونه. هن وٽ هر سوال جو جواب 'ها' آهي يا 'ها' جي تياري آهي. هن ۾ 'نه' ڪرڻ جي جرئت ڪونهي... منهنجي همٿ ڪي ٿوري ڪرڻ جو ساهس ڪونهي.

هوءَ روئي رهي هئي. چيم، "مان پاپي آهيان ساٿڻا، تنهنجي من ۾ ڀاوناُن جو مون ڪڏهن به خيال نه ڪيو آهي ۽ تون آهين جا ڪجهه ڪڇين ٿي نٿي."

هنجو همٿ منهنجي منهن ڏانهن نهاري وراڻيائين، "ڇا سڀ تون ٿي چوندا ان؟"

نه، سڀ مان نه چوندس. مان وري به ڪار ۾ ساڳي جڳهه تي لٿس، مگر وري هن وٽ وڃڻ جو واعدو نه ڪيم ۽ نه هن ڪجهه پڇيو. پيڊر روڊ جي فوٽ پاٿ تي هلندي هلندي چاٺي ورتم ته ساٿڻا ٻاڻ چاهي

تي ويو آهيان. البت اميءَ کي پيءُ ان ٻوڙ سان منهنجي اڳيان شاديءَ جو سوال کڙو ڪي ويو ۽ نيڊي پيءُ ٻهـ گهڙيءَ گهڙيءَ چوڻ لڳي، "شري شري، تون شادي ڪر ته- مان تنهنجي ڳال سان پيار ڪندس، هنکي اميءَ کان اڪائي ٽول ڪارائيندس."

ٻاٻا سان ته اکه ٻه ملائي نه سگهيس. مونوٽ هنجي سوالي نظر جو جواب ئي نه هو.

مهني بعد وري بمبئي موٽي آيس. وڌيڪ ڏک سهڻ لاءِ ليار ٿاڙو ٿوانو ئي آيس ۽ هڪ شام جو پيڊر روڊ تي چا ڏسان ته ٽئڪسي ۾ هوءَ ٻري وڃي رهي آهي. مان سڙڪ تي ڪـوٻا ٻس ڇٽيو ٻيٺو رهيس. ڪجهه گهڙيون بعد منهنجو هوش موٽي آيو ۽ مون ٻـ ٽئڪسي ٻاڙي تي ڪري ورتي ... ڊرائيور کي چيم، "دوست بس هليو هل ...... ٻلڪل سڌو."

منهنجو سوٻاڳيه ... ڪيمپس ڪارنر تي ٽـرئفڪ جئم ئي وڃي هئي. مون ڊرائيور کي چيو، "هوءَ سامهون واري ٽئڪسي ڏسين ٿو، انجو پيڇو ڪر..."

ڊرائيور مشڪيو.

ان ڏينهن مان هنجو گهر ڏسي آيس- هارڪنيس روڊ جي ڇيڙي وٽ- ساڌنا جي گهر کان ٽن منٽن جي پنڌ تي ... نيڊو بنگلو هو. مالهيءَ کي رپيو خرچي ڏيڻ سان معلوم ٿيو ته- ان بنگلي ۾ نيويءَ جو هڪ وڏو آفيسر رهندو آهي، جنهنکي ٻه ٻار ۽ هڪ ايڊوڪيٽيب پتني

مون کيسي مان رومال ڪڍي هن جي گود ۾ ڦٽو ڪيو.
هن ڇرڪي ڪنڌ ورائي عجب مان چيو، ”تون!“
مُنهن جي دل ڀرجي آئي. چيم، ”مان ڇا تنهنجي پر
۾ ويهي سگهان ٿو؟“
هن ڪو به جواب نه ڏنو.

مون هن جي پر ۾ ويهندي چيو، ”اُن واسطي مون غلطي ڪئي، توکي سمجهي نه سگهيس. تنهنجو اپمان ڪيم. بعد ۾ پڇتايم، ويندا ڪان چلايم، مگر ڇا ڏک ڪرڻ سان سک ملندو آهي. تون نٿي ڄاڻين ته مون توکي ڪيترو ڳوليو آهي. تون نٿي ڄاڻين ته مون تنهنجي ياد کي پنهنجون ڪيترون ننڊون، ڪيترا سپنا ڏنا آهن، ۽ اڄ تون مونکي ملي آهين.“

هن آڏيءَ نظر سان نهاري نرموهي ڀاو سان چيو، ”انجي ڪهڙي معنيٰ!“

”مان توکي ماڻڻ ٿو چاهيان.“

”تو مونکي وڃائي ڇڏيو هو.“

”مون توکي اُن واسطي وڃايو هو.“

هن هٿ ڇڏائي پنهنجي ڳلي تائين آندو. ڪهٽيل سر ۾ ڇپائين، ”تو اُن واسطي مونکي نه، مون اڳيان اُن واسطي کي وڃايو هو!“

”مگر تون نه ساڳي آهين.“

هن ڀوراڻ اُتي پٽ مان رومال کڻي مُنهن جي گود

۽ ڦٽو ڪيائين. پوءِ هڪ آهہ ڀري چيائين، ”مان ساڳي آهيان، پر اڄ اها ساڳي رات نہ آهي.“

انهن ڇهين هوءَ وڃڻ لڳي. اڳيان وڏي گارڊن جي ڇيڙي وٽ وڃي بيٺي. هيٺ وڏي لاهي هئي. ڪيترا مڪان هئا، ٿڌهن ٻعد سمجهہ هيو. مون ٻہ اڳيان وڏي هنجي پر ۽ ٻهندي چيو، ”ٻڌ، مونکي اها رات نہ، تون ڪٿين.“

هن ڪوبہ جواب نہ ڏنو.

مون ٻئي کي نيڪ ڏٺي هنجا ٻئي هٿ پڪڙي چيو، ”مونکي تون ڪٿين، تون!“

هن هٿن کي ٻولو ڇڏيندي چيو، ”توکي مان نہ، اها رات ڪهي.“

”اهڙيون راتيون سوين اينديون.“ مون هنکي ٻانهن کان پڪڙيندي چيو، ”پر جي تون نہ آئين تہ مان راتين کي ڇا ڪندس؟“

هن ٻانهون ڇڏائي چيو، ”تون ڊڪون ٻانيج!“

مون ٽڙيندي چيو، ”اُن رات مان ضرور ڊڪيو هوس. توکي ٻاڻ لاءِ ني ڊڪيو هوس. توکي پاڻ کان اڳي ڪنهنجي ٻاد کان مڪمل نيڻ ضروري هو، مگر اها ڪوچ دوکو هو، ڪوڙ هو، اُنہ مڪتي ڪانہ هئي.“

هن گويا ٻاٽسان ڳالهائيندي پڻ پڻ ڪئي، ”تنهنجي اِن دردني مونکي تنهنجي قرٻ آندو. من هزارن اڳيان پاڻ جهڪائڻ چاهيندو آهي، ملڪيت جو تخميدو

لڳائي، ڪارڻ جا سنگهاسن آڇيندو آهي، بنگلن جا نظارا پيش ڪندو آهي، مگر آتما نه ڪڏهن اجنبيءَ جي درد اڳيان ني جهڪندي آهي. اهو درد واپار ۾ فائدي نقصان جو نه، آتما جو درد هوندو آهي ۽ آتما جي اُن درد اڳيان شرير سلامتي تڇ آهي ... تڇ آهي."

نيڪ اُن وقت مونکي شرمتا ٻاٻوءَ جي ياد آئي، جڏهن چيو هو نه روپ جو موهه جيترو پرش ۾ ٿيندو آهي اوترو استرين ۾ نه ٿيندو آهي. استريون پريم ڪنديون آهن، پر جڏهن پرش جي روپ جي پياس اُجهامي ويندي آهي، تڏهن هو استريءَ کان دور هٽي ويندو آهي.

مون چيو، "جيڪڏهن اهو سچ آهي نه تون مونکان ايترو دور ڇو آهين؟"

هن منهنجي ڪلهي تي ڪانڌو هٿ رکي چيو، "اهو وڏان ڪوني نٿو چاهي. اُن رات راهه ويندي مون لوکي پڪڙيو هو. مونکي اُنجو ڪو پڇتاءُ ڪونهي. حجاب ۽ شرير سلامتي، ذهن جي روشنيءَ جا دليل ۽ سماجي سد وهنوار جا اخلاقي نيم آهن، مگر جڏهن ذهن جي روشنيءَ ۽ رات جي اونڌڪار کي پرکڻ جا ٻه سياڻيڪ نيم سمجهن ٿا، سي منهنجي من جي وڏان سان هلن ٿا ... اُن وڏان موجب پريم پڻ جيئڻ کي ڪوٺيءَ ۾ بند ڪرڻ سان تسليم نٿو ڪري. اُنلاءِ کپي کلي هوا، صاف آسمان ۽ هلڪي روشني."

مون چيو، "اڄ آسمان صاف آهي، هلڪي هلڪي روشني به آهي... هوا آهي، تون آهين ۽ مان آهيان."

دور پري لهجي ۾ هن چيو، "ان ۾ ڪو شڪ نه ٿيندو آهي. ان صاف آسمان جي هيٺان ئي تون به پڇين ٿو ۽ مان به پڇيان ٿي. اڄ منهنجو من اهو پڇڻ ٿو چاهي ٿو. آتما دک کان وياڪل ٿجي، ٽڙي پکڙي رڙ ٿي چاهي. اڄ مونکي ڪجهه نه ڪهي، ڪجهه نه ڪهي..."

"ڇو ايتري ڪٺور ٿي آهين. ڇو تون مونکي خواه مخواه تڙپائي رهي آهين. غلطي مون توکي ڄاڻڻ ۾ ڪئي آهي. اها توکي وڃائڻ جي غلطي ته نه هئي. اڄ ته اسين پنهنجي پريم جو هڪ نئون سنسار اڏيون." هن جي ڪلهي تان وارن کي هٽائيندي مون چيو، "تنهنجي ٻانهن جي ڪالر وٽ، تنهنجي حسين ڪياڙيءَ کي اڄ مان چمڻ ٿو چاهيان، جئن تارا چنڊ کي چمندي آهي... برف پهاڙن کي..."

هن جي چپن تي نيرس مسڪراهٽ ابري آئي.

هن وري به چيو، "اها گهڙي هئي، اهو پل هو، جڏهن ۾ مون توکي پاتو هو. مون ان گهڙيءَ سان، ان پل سان نباهڻ چاهيو، مگر مان ڪامياب نه ٿيس... جڏهن شخص کي مون پاتو هو، اهو ته ڪون پاڻي پاڻ کان الڳ ٿي ويو. هن جي اکين ۾ هڪ کي ري ڪونيا مهمان، هليو ويو الائي ڪيڏانهن!" ائين چئي هوءَ جڻ پاڻ ۾ گم ٿي وئي.

اُن وقت مونکي پنهنجي مجبوريءَ جو گهرو احساس ٿيو. مان هنجي سامهون بيٺو هوس، مگر اها ڳالهه مان هنکي سمجهائي نٿي سگهيس. هوءَ مونکي همٿ لائي سگهي ٿي، منهنجو منهن چمي سگهي ٿي، مونکي ڀاڪر پائي سگهي ٿي ۽ مان هنکي ڪلهي تي کڻي واڪشن جيان ڀڄي ٿي سگهيس ٿي، مگر هوءَ هٿن جا ڳوڙها منهنجي وجود کي وساري ڀاڪر کر ٿي ويٺي هئي ۽ مان هوس جو بيوس ۽ اُبالو اٿيو بيٺو هوس. شڪست جي سخت احساس کان پريشان ٿي مون چيو، "نه، منهنجو مطلب آهي، مان هليو وڃان."

هن ڪوبه جواب نه ڏنو.

مون ڪليجي تي هٿ رکي چيو، "مگر هيءَ درد؟"

"اهو درد منهنجو آهي."

"منهنجو ئي آهي، مگر مونکي اهو درد منهنجو آهي."

هن ڪوبه جواب نه ڏنو.

"مان چاهيان ٿو توکي ڪجهه نه کپي، ڪجهه نه کپي، پر مونکي منهنجو اهو نرموه جلائي ٿو."

هوءَ چپ رهي.

"لڳي ٿو، تو پنهنجي زندگيءَ ۾ اهڙو نه وڃايو آهي جو پاڻ تي منهنجي دل وشواس ئي نٿي ڪري."

هن چڙ ڇلائي چيو، "ڇا - آ؟"

مون چيو، ”اِن طرح ڀُٽڪيا سندر پراڻ نشٽ ڪرڻ سان ڀٽڪيل من کي ڪڏهن به شانتي نه ملندي.“

چوٽ کائي هوءَ لوڙي آئي. مٿي ڪان هيٺ ويندڙ تلوار جيان سخت ڪٽيندڙ لهجو ۾ چيائين، ”مونکي ڀٽڪيا سندر پراڻ نشٽ ڪرڻ جو ڪو اوپيءِ ڪونهي، پر مان اهي نشٽ ڪري چڪي آهيان، اِن ڪان جو مان اُن شخص جي زندگيءَ ۾ هلي ويئي، جنهن لاءِ منهنجو من ڪڏهن به تيار نه هجي!“

مون ٿڌو ساهه کڻندي چيو، ”وشواس ڪر، مونکي جيڪڏهن ڪير ڪٿي هتان ٺڪريءَ تان هيٺ ڌڪو ڪري ته مان اهو برداشت ڪري سگهان ٿو، اِن ڪان جو تون مونکي ڀٽڪڻ جي ڪان انڪار ڪرين...“ منهنجي نظر دور دور سمنڊ جي لهرن تي پيئي. لهرن جي سفيديءَ ۾ صلح جي اپيا پائي، مون ڳالهه جو رخ بدلائيندي چيو، ”تو جو هيٺري ٻوٽڙي ٻڌي، چا لاءِ...“

گهيرو فضا هوندي به هن مشڪي ڏنو. چيائين، ”تو جهڙن ماڻهن کي آسانيءَ سان سمجهڻ لاءِ.“

نهايت پريشانيءَ وچان مون ڀٽڪيو مٿس ڀٽڪي هٿن ۾ لڪائي ڇڏيو. ساڌنا چيو هو: ڏس جيڪڏهن وري دکه جي حالت ۾ تون مونوت نه ايندين ته مان هن ٽي پياڻي سان ڀٽڪيو سر ٽڪرائي آتم-هتيا ڪري ڇڏيندس!... ليڪن ساڌنا کي ڪهڙي خبر ته منهنجي درد جو صرف هن سان ٽي واسطو نه هو...

روي ٻاهر چيو آهي: جو پرش استريءَ جي ور مالها کي ٽوڙي ڦٽو ڪندو آهي، استري اُن پرش اڳيان ٿي پنهنجو سمرپڻ ڪندي آهي. روي ٻاهر اها ڳالهه شايد ساڳ نا جهڙن نارين کي من ۾ رکي چئي هئي. مگر سڀ ناريون ڇا، پاڻسان ور مالهائون ڪٽي گهمن ٿيون... نه... نه.

جڏهن مون پنهنجي مٿهن تان پنهنجا پڃي همت هٽايا تڏهن ڏٺم ته هوءِ وڃي چڪي هئي!

انتظار ڪرڻ جي اُتمت پيڙا کي ڪٽي مون پيار ۾ ڪيترو پوکيو آهي، اُنجو ورڻن ڪرڻ ناممڪن آهي. چترڪار سڀ پيا چنڊ جو چتر چٽڻ لاءِ، چاهي ڪهڙا به رنگ ڪم آڻي، مگر چتر وارو سڀ پيا چنڊ، رات جي اُنڌڪار ۾ روشني پري نٿو سگهي. ٺيڪ اهڙيءَ طرح سان دل جي گهري درد کي ظاهر ڪرڻ لاءِ انساني ڀاشا اڌوري آهي. اها صرف ماڌيم آهي. باقي ڳالهه سيدي کي پنهنجي ڪلپنا جو حصو ملائڻ سان ٿي سمجهڻي آهي.

اُن رات مون سوچيو: ڇا مان پنهنجي مانڻن جي ڳالهه مڃان؟ هليو وڃان ڪنهن چنڊ جهڙي خوبصورت عورت جي زندگيءَ ۾؟ ها، اِنڪي ئي پنهنجي سونهن آهي ته شاديءَ جي پهرين رات اُن استريءَ سان گذارجي

جڏهن سان ڪا به واقفيت نه هجي. انهن ڪڏهن حجاب،
ڪڏهن لڄ، هڪ ٻئي سڪوچ نهايت سنڌو لڳندو...
نهايت سنڌو!

مگر منهنجو هڪ من هڪ طرف هو ۽ ٻيو من ٻئي طرف ... ۽ مان ساڌنا جي گهر جي پياني جي ٻاد کان ڇڪجي ٻئي ڏينهن شام جو هنجي گهر پهچي ويس.

اتي پهچي معلوم ٿيو ته ساڌنا گهر ۾ اڪيلي هئي. مان مٿين ماڙي تي ويس. ڏٺم هنجي ڪمري جو دروازو بند ٿيو هو. دروازو کڙڪائيندي ئي منهنجي من ۾ سوال اٿيو: ليڪن جڏهن شخص مٿان مون بداخلاقيءَ جو الزام مڙهيو آهي، اها به جيڪڏهن ڪڏهن ٻره جي ماري هجي ته؟

ان 'ته؟' منهنجي ذهن ۾ وري به اماس جي رات جو انڌڪار پري ڇڏيو.

دروازو کوليندي ئي ساڌنا اچرج وچان چيو، "تون!"

ان وقت اهو دروازو جيڪڏهن وري بند ٿي وڃي ها ته مونکي انجو ڪو صدمو ڪونه پهچي ها. منهنجو من سوالي ... ٻڌي لاجواب ... چپ ماضيءَ جي راهن ۾ گم ... اهم وري چپ من ٻڌيءَ کي تسليم ڏيڻ کان مجبور. اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن ڪو تلوار کڻي مونتي وار ڪري ها ته منهنجي زبان مان اف به نه نڪري ها.

هن مونکي ٻانهن کان پڪڙي چيو "اندر هل."

ليڪن منهنجو من نہ پارڪ ۾ ڪنهنجي ڪوچ ۾ پٺڪي رهيو هو.

هن اندر هلي مونکي ڪرسيءَ تي وهاريو ۽ پاڻ وڃي پاڻي لئي وئي. پاڻي لئي هنجون آڱريون هلڻ لڳيون – مگر مون ڏٺو نہ رکي رکي ڪنهن اَڻ ڄاتل پيڙا کان هنجو سڄو بدن سيڙجي ٿي ويو. اچانڪ هنجي ساڙهيءَ جو آنچل هنجي ڪلهي تان هيٺ کسڪي ويو. هن اُنکي سنڀالڻ جي ڪا ڪوشش نہ ڪئي. هنجي بلائوز جي ڪٽ ڪجهہ اِن ڍنگ جي هئي جو هنجي پٺيءَ جو ٽيون حصو بلڪل اَڻ ڍڪيل رهجي ويو هو. ليڪن هنجي اِن گوريءَ پٺيءَ مان ہ اُهو ظاهر هو نہ، هنجي دل تي درد جي ڳوري چوٽ لڳل آهي.

مون چيو، "ساڌنا."

هن ڪنڌ وراڻي مون ڏانهن نهاريو. هڪ ڪهاڻي هئي جا اُنيڻن جي رڳا-لوءِ ۾ هنجي پيشانيءَ تي لکيل هئي ۽ جنهنجو عنوان هنجي سڄيل اکين ۾ لکيل هو: آنسو!

مون چيو، "منهنجي ساڌنا."

تڏهن هوءَ پاڻي تان اُٿي کڙي ٿي. چيائين، "شري!" ۽ هوءَ اڳيان وڌي اچي منهنجي سامهون هيٺ پٽ تي ويٺي. هڪ دفعو مونڏانهن نهاري هن پنهنجو سر منهنجي گود ۾ رکي ڇڏيو. مون پنهنجو هٿ هنجي مٿي تي

رکيو ۽ آهستي آهستي هن جا وار سنوارڻ لڳس. ٻيءَ ڏهاڙيءَ ڏسان ته هوءَ سُڏڪن ڀري روئي رهي آهي.

ناريءَ جو اهو ڪهڙو روپ هو؟... جو شخص خود هن جي دک جو ڪارڻ بڻيو هجي، هوءَ اُنکي پنهنجو دک ڪيئن سڻائي رهي هئي؟

مون هن جو منهن پنهنجي هٿن ۾ آڻيندي چيو، "ساڌنا، اوُن روءُ نه... مونکي تنهنجا آنسو نه کپن، مونکي تنهنجون مسڪراهٽون کپن ... گيت کپن."

هن اُئي ساڙهيءَ جي آنچل سان پنهنجون اکيون اُگهي مشڪي چيو، "توکي مسڪراهٽون کپن - گيت کپن ... ۽ چانهه!" ائين چئي توچي نظر سان مونکي گهورڇا ڪري هوءَ ڪمري کان ٻاهر هلي وئي. ٿورا ڏهه منٽ مان گويا ساهه ٻند ڪري اُن ڪرسيءَ تي پيو رهيس. پيرن جي آهٽ ٻڌي مون ڪنڌ مٿي کڻي نهاريو- ساڌنا هئي- دک جو نه هن جي منهن تي ڪو نشان ئي نه هو. چانهه جو ڪوپ مونکي ڏيندي هن ڪرسيءَ جي مضبوط ٻانهن تي ويهندي چيو، "شري، اوُن منهنجي گهر ۾ اچين ۽ مان اهڙي خوشيءَ جي موقعي تي روئي توکي پريشان ڪريان، اهو مونکي سونهين ٿو... جڏهنکي مون زندگيءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ چاهيو آهي، اُنکي پريشان ڪرڻ جو مونکي ڪوئي اڌڪار ڪونهي."

مون چانهه جو ڪوپ ٻئي پيٽڻ جي پاسي واريءَ ٽيبل

ٿي وکندي چيو، ”پريشان ٿو مونکي نہ، مون توکي
ڪيو آهي. تنهنجو درد جيترو گهرو آهي، اوترو ئي
منهنجو گناه سنگين آهي ۽ تون جيترو اُنکي نظر انداز
ٿي ڪرين، اوترو ئي مان پنهنجين نظرن ۾ هيٺ
ڪِران ٿو.“

”شري!“ انيئن چئي هن پنهنجو هٿ وڌائي منهنجي
وات تي رکيو.

منهنجي هٿ مٿان پنهنجو هٿ رکي اُنکي پنهنجي
ڳل سان لڳائيندي چيم، ”ساڙنا، نفرت ڇا تون ڄاڻين
ڪانہ؟“

هن پنهنجي ٻانهن منهنجي ڳلي ۾ وجهي چيو، ”ڪتابن
۾ اُنتي ڪافي پڙهيو اٿم، مگر جن ڪتابن ۾ اُنکي پڙهيو
اٿم، تن سڀني اُنجي نندا ڪئي آهي.“

هيٺئر هنجو سمورو بوجو منهنجي مٿان هو. منهنجو
اَڌ منهن هنجي ڇاتيءَ ۾ لڪي ويو هو ۽ باقي اَڌ منهن
تي هن پنهنجا زلف پريشان ڪري، اُنکي بہ پنهنجي
سينہ جي ڇاپا هيٺ آڻي ڇڏيو. مگر اُن سينہ جو ارٿ
مان ڄاڻي نہ سگهيس. مون پنهنجي منهن تان آهستگيءَ
سان هنجي وارن کي هٽايو ۽ پوءِ ڪرسيءَ تان اٿي وڃي
پياني جي پرسان بيٺس. شڪايت جي نوع ۾ چيم،
”ساڙنا، تون استري نہ، ديوي آهين. تنهنجي جڳهہ
زندگيءَ ۾ نہ، ڪتابن ۾ آهي.“

هوءَ به ڪرسيءَ تان اٿي کڙي ٿي ۽ چيائين، ”مون مطلب نه سمجهو!“

مون چيو، ”تو ۾ پنهنجو ڪجهه ڪونهي، سڀ نقل آهي- ڪتابي آهي.“

”شري!“ هن گويا دانهن ڪئي. ”جو منهنجو ڪونهي اهو تنهنجو به نه آهي!“

چوٽ کائي مان اوڪ رهجي ويس ۽ شرم وچان ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيم.

هوءَ اڳيان وڌي آئي ۽ چيائين، ”مان چاهيان ٿي تون مونکي مار ڀلي ان ڪونه، مگر تون مونکي ماري ڇڏين اهو مونکي وڌيڪ پسند آهي، انهيءَ کان جو تون مون اڳيان ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺو هجين!“

اها واقعه منهنجي بدنصيب زندگيءَ جي شايد آخرين واقعه هئي، جنهن واقعه منهنجي اُن نيڪ زندگيءَ جي ناٽڪ جو آخرين پردو کڄيو ۽ مان ساڌنا کي سمنڊ جي ڪناري گهمڻ وٺي ويس. مان محسوس ڪري چڪو هوس ته مان ڪنهن به طرح ساڌنا جي لائق نه هوس. اهو موه هو، جنهن سبب هوءَ مونکي ڇڏڻ لاءِ تيار نه هئي، مگر مان به نه ساڌنا کي ڇڏي نٿي سگهيس. فقط دماغ سان ڪا ڳالهه سمجهڻ ڪافي نه آهي. دل جي به

قبوليت ضروري آهي ۽ منهنجي دل هنن کي ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هئي.

هوءَ وڃڻ کي ٽيڪ ڏئي ويٺي هئي ۽ مان هن جي سامهون ويٺو هوس. ساڳي چانڊوڪي رات هئي. اوسي پاسي ڪيتراني پراڻي جوڙا هڪ ٻئي سان پنهنجن سپنن جي مٺا سٺا ڪري رهيا هئا.

"اي!" مون هن جي ٻانهن تي هٿ رکي انهن کي ڌوڏيندي چيو، "ٻڌين ٿي؟"

"هون!" هن چپن ۾ پڙ پڙ ڪئي.

"تون مونکي چاهين ٿي نہ؟"

"ڇا اِنلاءِ مونکي ڳالهائڻو پوندو؟"

"نہ هڪ ڳالهہ ٻڌاءِ... ڇا تون منهنجي خوشيءَ لاءِ مونکي ڇڏي سگهين ٿي؟"

ڪجهہ گهڙيون هوءَ بلڪل سانت رهي.

"ٻڌاءِ، ساڻ نا."

"تنهنجي خوشيءَ لاءِ، شري؟... تنهنجي خوشيءَ لاءِ تہ ايشور مونکي جنم ڏنو آهي."

مون چيو، "ڏس ساڻ نا، مونکي استرين جي اها غلام مورتي نہ وڻندي آهي."

"انڪري تہ مان تنهنجي غلام آهيان."

"مگر تون مونسان لڙائي نٿي ڪرين."

"مونکي هار پسند آهي."

"مونکي هار پسند ڪونهي."

"انڪري ئي ته مونکي تنهنجي جيمس پسند آهي."

"ساڌنا ... اڇو جڏهن سيتا کي والميڪي آشرم جي ٻاهران ڇڏي، هڪڪي ڀڳوان رام جي ڀيٽي - تياڳ- جي ڳالهه ٻڌائي هئي، تڏهن توکي خبر آهي ته سيتا رام جي نندا ڪئي هئي؟ جڏهن دشاسن دروپديءَ کي وارن کان ڇڪي ڪورون جي اڳيان آندو هو، تڏهن دروپديءَ پريءَ سڀا ۾ يڌشٽر جو اپمان ڪيو هو. ؟ تون آهين جا ماڻ - اپمان جي ڳالهه مان ڪجهه ڄاڻين ٿي ڪانه."

"شري،" ساڌنا ڪاڪ تيز آواز ۾ چيو، "جيڪڏهن تنهنجو مطلب اهو آهي ته مون سان تنهنجو وهنوار رام يا يڌشٽر جهڙو آهي ته انللاءِ ته تون مونکي سيتا يا دروپديءَ جي نقش قدمن تي هلڻ لاءِ مجبور نه ڪر، ڇو جو اُن حالت ۾ توکي اُنهن سوالن جا جواب ڏيڻا پوندا، جهڙا جواب نه رام ڏئي سگهيو هو ۽ نه يڌشٽر."

مونکي هنجو اهو غصو وڻيو. مون مشڪي چيو، "توکي ته خبر آهي ته مان مردن جي فائدي ۾ ته ڳالهائيندو آهيان."

هن اڃا به تيز ٿي چيو، "۽ مردن جي خلاف ڳالهائيندي تون اڪثر اهو وساري ويهندو آهين ته تون خود به هڪ مرد آهين."

"ساڌنا، پڇ ٿي اگر تون برابر نه ٿيندين آهن."

هن زبان کان تلوار جو ڪم وٺندي چيو، "پڇ ٿي

آگر پون برابر نہ ٿيندا پون آهن، مگر اُنهن ۾ خون ساڳيو
ٿيندو آهي."

"تون مونکي غلط سمجهي رهي آهين."

هن منهنجي منهن ڏي ڏک جي ڇاپا ڏسي آهستي
چيو، "جيڪڏهن اهو سچ آهي تہ مونکي معاف ڪجُ."

مون پنهنجو پاسو زور ڏسي وري شڪايت ڪئي،
"وري معافي - تون استري آهين يا ديوي؟"

منهنجي سوال تي هوءَ خوب کلي. چيائين، "مان
آهيان استري، پر شايد تنهنجي حق ۾ مونکان ديوي
ٺڳي وڃڻ جو اُپراڌ ٿي ويو آهي."

"تون منهنجو مذاق اُڏائي رهي آهين."

"جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ توکي مون پاڻ پنهنجو
راءِ ڦيرائڻو پوندو تہ مان ديوي نہ، استري آهيان."

"ها، شايد ڦيرائڻو پوي."

هن اُٿندي چيو، "تہ پوءِ مونلاءِ ڪهڙي آگيا آهي؟"

"ڇا جي آگيا؟"

"تہ مان تولاءِ مران يا جيئان؟"

"مونلاءِ ٻنهي ۾ ڪو تفاوت ڪونهي!"

هوءَ وري ويهي رهي. چيائين، "هڪ دفعو سوچ
ڏري، ڇا سچ ٿو چوين؟"

"ساڌنا... اها ڳالهہ مون هڪ دفعو نہ، هزار دفعا
سوچي آهي."

ڇا اهو سچ هو؟ نه. هيءَ هڪ پل جو ڪوڙ هو، جو مون پنهنجي آتم - سومان جي رکيا ڪندي ڳالهايو هو. پر هن ڪوبه جواب نه ڏنو. هوءَ چپ چاپ اٿي کَڙي ٿي ۽ وڃڻ لڳي ... ۽ مان پنهنجا ٻئي هٿ مٿي تي رکي، اکيون ٻوٽي اتي ئي ويٺو رهيس. منهنجو من ڀرجي آيو ۽ مون ليٽي واريءَ ۾ پنهنجو منهن لڪائي ڇڏيو. اهو سڀ ڇو ٿيو ... ڇو ٿيو!

جڏهن ناريءَ کي واليون اڳ منهنجي گود ۾ منهن لڪائي سڏڪا ڀري رنو هو، تڏهنکي مون چيو هو: تون مونلاءِ مري به ٿي جيئين، مونلاءِ ٻنهي ۾ ڪو تفاوت ڪونهي. هاءِ ... مون پاپ ڪيو هو، ۽ مونکي انجي سزا به ملي هئي. ڪڏهن جڏ منهنجي آتما کي ڇيري ڇڏيو هو ۽ مان نه معلوم ڪيترو وقت واريءَ ۾ منهن لڪائي پيو رهيس.

اکيون کولڻ سان نظر ٿيبج جي چنڊ تي پيم جو واسعه کان موڪلائي رهيو هو؟ مان اٿي ڪڙو ٿيس. لهرن ۾ شور نه هو- هي ڪهڙو ماتم هو؟ سمنڊ هو يا شمشان ڀومي هئي؟ سمنڊ ۾ چنڊ جو عڪس ٽٽي پيو، انجي چتا ٿي جلي ...

هڪ ڀيانڪ انديشي کان گهبرائجي مون پڪاريو: ساڌنا! ۽ لوءِ مان واريءَ جي ڍيرن تان ڊڪون پائيندو اڳيان وڌيس ... مون وري پڪاريو: ساڌنا ... منهنجو آواز پاڻيءَ ۾ لهي ويو، پر مان اڳيان وڌندو رهيس ۽ گوڏن پر

ٻاٽي لائين سمنڊ ۾ اندر گهڙي ويس ۽ زور سان ٻڪاريم
ساڌنا ...ساڌنا!

آواز کي پڙاڏو نه مليو ... سوال کي جواب نه مليو.
سمنڊ ۾ چنڊ جي چتا جلي رهي هئي.

لڙ ڪرانيندڙ قدمن سان مان پٺيان وريس. اڃا ڏورو هليس ته منهنجي نظر هڪ استريءَ تي پيئي جا اڪيلي منهنجي اڳيان هلي رهي هئي. مون ٽڪڙو هلي ٻڪاريو:
”ساڌنا!“

هوءَ بيهي رهي، مون هنجي قريب پهچي چيو،
”مونکي معاف ڪر، ساڌنا.“

”ڪير تون؟“ هوءَ آهائي ٻري هئي. چيائين، ”مان ساڌنا نه، ريکا آهيان. ڇا اڃا ۾ تون منهنجو پيڇو نه ڇڏيندين؟“

”تنهنجو پيڇو؟ ... مان ڇا پنهنجي قسمت ڄاڻان ٿو... وشواس ڪر، مان پنهنجي زندگيءَ جي هڪ نهايت نازڪ دور مان گذري رهيو آهيان.“

هوءَ چپ رهي.

”مونکي تون معاف ڪر ريکا... مان هڪ مورک شخص آهيان. ڪجهه سوچي سمجهي نه سگهندو آهيان پاڻ جو ملهه وڃائڻ بعد ئي ڄاڻندو آهيان، پر ڪو به منهنجي ان ڪمزوريءَ کي سمجهي نٿو!“

هوءَ چپ.

”ڪهڙون ڪهڙون چوٽون کائي مان زندگيءَ ۾ اڪيلي

ٻيهڻ جي سامرٿي نٿو ساري سگهان. اهڙو نه ٿئو آهيان جو ڪنهنجي آنچل جي ساءِ ۾ ٻه گهڙيون آرام جون گذارڻ ڪانسواءِ مونلاءِ هڪ پل به جيئڻ ممڪن نه آهي."

"مگر مان نه تولاءِ هڪ اوباش استري آهيان."

"نه... تون اوباش استري نه آهين. اُن رات تو مونکي منهنجي الزام جو جواب نه ڏنو هو، اهو ئي مونلاءِ وڏو جواب هو."

"مان جواب ڏيان ها، پر تو نئين ڳالهه ڪانه ڪئي هئي اها مرد جي فطرت آهي. توهانکي صرف منهنجي جسم پياري آهي. توهانکي توهانجي پريم جي موت صرف منهنجي طرز ني گهرجي... هي ڪهڙو پريم آهي توهانجو؟ جڏهن توهين پريم ڪريو ٿا، تن لئي توهين الزام ڪيئن ٿا لڳايو؟"

"تون منهنجي پيتاءَ جو فائدو وٺي رهي آهين."

"ورءِ اچي وٺين نه منهنجي لئه پر؟"

"توهين عورتون من جو چئن ڪسي ليون ڇڏيو."

هن مشڪيو.

"ڇا ٿا ڄاڻو... تو وقت منهنجي ڪا معني ڪانهي، مگر مان چاهيان نه هاڻ به تنهنجو منهن ڇمي سگهانٿو... توکي ٿڪسيءَ ۾ چاڙهي پڇائي سگهانٿو."

هن ڪلندي چيو، "اهو ڪم نه مان به ڪري سگهان ٿي."

"توهان عورت آهين؟... توکي اهڙي ڳالهه چوندي شرم اچڻ کپندو هو."

"کهڙن ڳالهين تي شرم اچڻ کپي، اهو توهان نه سمجهي ويا هوندا."

"شرم اچيتو جڏهن ڏسان ٿو ته توهانجي ڪتابي وهنوار جي ڪري مون ٻهڏيو هڪ محبوب سائي وڃايو آهي."

"محبوب تو وڃايو آهي ۽ ڪتابي وهنوار اسانجو آهي - خوب!" انهن چئي هن ٽهڪ ڏنو.

مون چيو، "توهان نٿي ڄاڻين، اڄ هيئنر هڪ عورت مهنجي اکين جي سامهون آپگهات ڪيو آهي."

هوءَ يڪايڪ سراپجي وئي.

مون هنجي ٻانهن کي پڪڙيندي چيو، "مهنجا پاڻ کوٽا آهن. مونکي پوءِ ابرار ٻهڏهين طرزن تي کپي پر اهي طرزون عورت کي غلام بڻائينديون نه آهن. مونکي هڪ اهڙي عورت جي تلاش هئي، جنهن ۾ 'نه' ڪرڻ جي جرئت هجي. مونکي 'ها' ڪرڻ واري ملي. جا 'ها' ڪرڻ واري هئي، سا اڄ هميشه لاءِ هلي وئي آهي ۽ جنهن 'نه' ڪئي آهي، اها هلڻ لاءِ تيار نه آهي. ۽ اهائي مهنجي زندگي جي ٽريجڊي آهي."

هن مهنجي ڪلهي تي هٿ رکي چيو، "مگر هوءِ هئي ڪير؟"

ساگر ڪناري اسان ڇلاڻي پنهنجو ڳلو سڪائي ڇڏيو.

منهنجو سر ڇڪر کائڻ لڳو هو.

ڪنهن هڪ کي ٻانهن سان ٻئي جي ياد ڇو ٿي ستائي - ڇو ٿي ستائي؟

مون پنهنجو سر هنجي ڪلهي تي رکي ڇڏيو.

پورا اٺ ڏينهن بستري تي پيو هوس. ريکا اٺين ڏينهن منهنجي گهر رهي. اُن رات هن مونکي ٽئڪسيءَ ۾ چاڙهي پنهنجي گهر هلڻ لاءِ چيو هو، پر منهنجي نه ڪرڻ تي ٽئڪسيءَ کي پنهنجي بنگلي جي ٻاهران بيهاري هوءَ رات گهر نه اچڻ لاءِ موڪل وٺي آئي هئي. اهو به چئي آئي ته اڄ رات هوءَ اُن شخص جي گهر ۾ رهندي جنهن سان هوءَ شادي ڪرڻ واري آهي؛ جو هن وقت ٺيڪ نه آهي. ڊاڪٽر به هن تي گهرايو هو، جو پنهنجي ڊاڪٽريءَ جي علم کان وڌيڪ ريکا جي سيوا ڀاونا جي تعريف ڪندڙ ٿي ڏٺو.

بستري تي پوڻ جي پهرين رات ٽئين پهر ۾ منهنجي اک کلي. ڏٺم ته هوءَ پلنگ جي هڪ ڪنڊ کان وٺي، گوڏي تي پنهنجو سر رکي جاڳي رهي هئي. مون ڪجهه

ڇورڻ چاهيو، پر هن پنهنجو هٿ اڳيان وڌائي مونکي چپ رهڻ جي آگيا ڏني.

بيماريءَ جي استري ٽان ناريءَ جو هڪ نئون روپ ڏٺم. سوچيم: استري ڪيتري نه مهربان آهي...

ان رات مون هن کي چيو، "مان دراچاري آهيان."

چيائين، "ڇهڙو به آهين، منهنجو آهين."

رجسٽرار جي آفيس ۾ شاديءَ جي درخواست ڏئي ريکا جي گهر وڃي رهيو هوس. هارڪيس روڊ جي چيري وٽ جڏهن بس تان لٿس ته ساموهون ساڌنا کي پنهنجي ٻنگلي مان نڪرندو ڏسي وائڙو ٿي ويس. منهنجي هٿن ۾ ڦولن جي هڪ مالها ۽ هڪ ويڻي هئي جا ريکا لاءِ آندي هئم. ساڌنا کي ڏسي مان هن ڏانهن وڌي ويس ۽ خوشيءَ وچان چيم، "ساڌنا، تون زنده آهين؟"

هن ٺٺولي ڪندي چيو، "۽ اڪيلي به."

"تڏهن ان رات..."

"ان رات مون تنهنجو اصلي روپ ڏٺو هو."

"مون سمجهيو هو ته..."

"تو سمجهيو هو ته مان پاڻ ماري هتيا ڪندس. اها تنهنجي غلط فهمي هئي."

”ساڌنا!“

”هاڻ ناٽڪ رهڻ ڏي - مونکي توکان نفرت آهي.“

”مونکان! ساڌنا، مونکان؟ مونکان توکي نفرت آهي؟“

”ها توکان ... تنهنجي صورت کان ... تنهنجي ڳالهين کان، تنهنجي اصليت کان ... تنهنجي حال کان، تنهنجي مستقبل کان ...“

ائين چئي هوءَ وڃڻ لڳي.

مون هڪ قدم اڳيان وڌي سوال ڪيو، ”۽ تنهنجو ڀرم؟“

جواب ڏيڻ لاءِ هوءَ رڪي. مون طرف منهن ڪري چيائين، ”اُن تنهنجو اصلي روپ ڏسي آتم-هتيا ڪري ڇڏي.“

ائين چئي هوءَ ويندي رهي.

اَٻولڪ، اَواڪ، پٿر جي بت جيان مان روڪجي سراپجي ايئي رهيس.

ڳل منهنجي هٿن ۾ هئا ۽ آنسو منهنجي اکين ۾!

Printed and published by Karamchand N. Dewani at the Chandan Printing Press, Hasali Tank Lane, Dadar, (W.R.), Bombay 28.